روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) سومر 03 اپريل 2023ع بمطابق 12 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 310

ملڪ جي موجوده صورتحال دوران چونڊون نٿيون ڪرائي سگهجن: وزيراعظم

وزيراعظم شهبازشريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي موجوده سياسي ۽ آئيني صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

اجلاس ۾ قانوني ماهرن، وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ، ملڪ احمد خان ۽ ملڪ منصور اعوان به شريڪ ٿيو

وزيراعظم شهباز شريف کي پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن بابت ڪيس جي قانوني ۽ آئيني رخن کان آگاهه ڪيو ويو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيندڙ پارلياماني پارٽي جو اجلاس اڄ پنهنجي جو پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيندو

اجلاس ۾ قومي اسيمبلي اجلاس بابت حڪمت عملي تي مشاورت ٿيندي. وزيراعظم شهباز شريف ميمبرن کي سياسي حڪمت عملي تي پڻ بريفنگ ڏيندو

لاهور (م ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ جي موجوده صورتحال دوران تڪڙيون چونڊون نٿيون ڪرائي سگهجن. وزيراعظم شهبازشريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي موجوده سياسي ۽ آئيني صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون. اجلاس ۾ قانوني ماهرن، وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ، ملڪ احمد خان ۽ ملڪ منصور اعوان به شريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

ملڪ ۾ معاشي، سياسي ۽ آئيني بحران جو ذميوار عمران خان آهي: مريم اورنگزيب

جيڪو به شخص جتي به هن فتني ۽ فساد جو سهولتڪار بڻيل آهي اهو قوم جو ڏوهاري آهي

عمران خان ملڪ جي عوام ۽ نوجوانن سان فراڊ ڪيو. هن نالائق پنهنجون حڪومتون پاڻ ڪيرايون

جن سهولتڪارن جي دلاسن تي هن اسيمبليون ٽوڙيون اهي هاڻ پنهنجو پاڻ بچائڻ ۾ پورا آهن

اسلام آباد (م ر) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب عمران خان جي بيان تي رد عمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ معاشي، سياسي ۽ آئيني بحران جو ذميوار عمران خان آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيو ته سپريم ڪورٽ هڪ ٻئي وزيراعظم کي عهدي تان هٽائي ڇڏيندي: فواد چوڌري

سپريم ڪورٽ چونڊون ڪرائڻ واري ڪيس ۾ فيصلو ڏئي چڪي آهي، هاڻي 3 رڪني بينچ رڳو عملدرآمد بينچ آهي

ڪارڪنن جي ضمانت ۾ دير ڪندڙ ججن جي مذمت ڪيان ٿو: تحريڪ انصاف اڳواڻ جو انٽرويو ۾ اظهار

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته جيڪڏهن عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيو ته سپريم ڪورٽ سومر تي ملڪ جي هڪ ٻئي وزيراعظم کي برطرف ڪندي. هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته سپريم ڪورٽ چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آئين ۾ واضح آهي ته نوي ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻيون آهن: شاهه محمود قريشي

قانون سازي نمائندن جو ڪم آهي پر ڏسڻو آهي ٽائمنگ ڇا آهي

اهو ڏسڻو هوندو آهي ته قانون سازي تي سگهي يا آئيني ترميم اڻٽي آهي

ڪراچي (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي چيو آهي ته ججن کي دٻاءَ ۾ آڻڻ لاءِ اشارو ڏنو ويو آهي ته ٽن ججن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08



اسلام آباد: وفاقي وزير مولانا عبدالواسع افتتاح دوران دعا گهري رهيو آهي

پاڪستان جا اسرائيل سان ڪنهن به قسم جا سفارتي يا واپاري لاڳاپا نه آهن: پرڏيهي آفيس ترجمان

آمريڪن جيوش ڪانگريس جي پڌرائي کي غلط طريقي سان منسوب ڪيو ويو آهي

پريس رليز ۾ پاڪستان اسرائيل واپار جو ڪٿي به ذڪر ناهي ڪيو ويو

اسرائيل سان نه ته تجارتي لاڳاپا آهن نه ئي شروع ڪرڻ جو ارادو آهي

اسلام آباد (م ر) اسرائيل سان واپاري لاڳاپن وارين خبرن تي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو ردعمل سامهون اچي ويو هڪ بيان ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان جا اسرائيل سان ڪنهن به قسم جا سفارتي يا واپاري لاڳاپا نه آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊاڪٽر بيربل گيناڻي قتل ڪيس ۾ اهم اڳيرائي، اسسٽنٽ قرت العين گرفتار

زخمي اسسٽنٽ ڊاڪٽر قرات العين تي ڪيس ۾ به شڪ جو اظهار ڪيو ويو: پوليس

زخمي اسسٽنٽ جي موبائيل فون جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي

ڪراچي (م ر) ڪراچي ۾ قتل ٿي ويل ڊاڪٽر بيربل گيناڻي قتل ڪيس ۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي. پوليس مقتول سان گڏ زخمي ٿيندڙ سنڌس اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11



ڪوه سليمان ۾ تيز برسات ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب گاڏيون ڦاٿل نظر اچي رهيون آهن

ايم ڪيو ايم سميت سمورن پراڻن اتحادين سان رابطا بحال ٿي چڪا آهن: پرويز الاهي

ڪيو ايم کي پي ڊي ايم کان اتحاد جو سياسي طور تي تمام گهڻو نقصان ٿيو

ايم ڪيو ايم ۾ اها سوچ موجود آهي ته پي ڊي ايم سان وڌيڪ هلڻ جو ڪو به فائدو ناهي

بلوچستان حڪومت ۽ جي ڊي اي ۾ به آئين ۽ ملڪ دشمن پاليسين تي سخت خدشا آهن

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي صدر پرويزالاهي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پاڪستان سميت سمورن پراڻن اتحادين سان رابطا بحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10



تحريڪ انصاف جو مرڪزي صدر پرويز الاهي

ڪوه سليمان ۾ تيز برسات، لينڊ سلائيڊنگ سبب گاڏيون ڦاٿل

سرحدي علائقن ۾ جبل سليمان ۾ طوفاني برساتن سبب ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي

ڊانهسر ۽ مانيخواهه ۾ لينڊ سلائيڊنگ سبب ڪيترين ئي گاڏيون تباهه ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا

اسلام آباد (م ر) بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه جي سرحدي علائقن ۾ جبل سليمان ۾ طوفاني برساتن سبب ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ سياسي گرمي پد گهٽائڻ لاءِ جماعت اسلامي کان مدد گهري ورتي

پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر ۽ سينيٽر اعجاز الحق لاهور ۾ جماعت اسلامي جي هيڊ ڪوارٽر منصورا پهتا

پي ٽي آءِ سراج الحق کي چيو ته اوهان 2014ع ۾ به بحران ختم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو: ذريعا

سراج الحق جي جواب تي پي ٽي آءِ اڳواڻن جو چوڻ هو ته هو عمران خان سان ڳالهه ڪري جواب ڏيندا

لاهور (م ر) پي ٽي آءِ سياسي گرمي پد ۽ چڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ جماعت اسلامي کان مدد گهري ورتي. پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر ۽ سينيٽر اعجاز الحق لاهور ۾ جماعت اسلامي جي هيڊ ڪوارٽر منصورا پهتا ۽ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17



لاهور: تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر جماعت اسلامي جي امير سراج الحق سان ملاقات ڪندي

لاهور: رٽائرڊ ايس پي جي قتل جي جاچ ۾ اهم اڳيرائي، پاڃائي سميت 3 ڄڻا گرفتار

قتل ۾ ملوث ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

فرحت شاهه جي قتل ۾ سندس پاڃائي ملوث آهي جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

لاهور (م ر) لاهور ۾ قتل ٿيندڙ رٽائرڊ ايس پي فرحت عباس شاهه جي قتل جي جاچ ۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي. پوليس ذريعن موجب قتل ۾ ملوث ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته فرحت شاهه جي قتل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: فيڪٽري ۾ ڀاڄ سبب 12 فوتگيون، جاچ دوران ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا

زڪوات جا پئسا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مستحق ڪيترن ئي ڏينهن کان فيڪٽري جا چڪر لڳائي رهيا هئا: فيڪٽري مالڪ

روزاني ڪيترين ئي عورتون صبح کان شام تائين پئسن ملڻ جي اميد ۾ فيڪٽري جي ٻاهران ويٺل رهنديون هيون

فيڪٽري مالڪ عبدالخالق پهرين اپريل تي عمري جي ادائيگي لاءِ سعودي عرب روانو ٿيڻو هو: پوليس

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي سائيٽ ايريا فيڪٽري ۾ راشن ۽ زڪوات جا پئسا ورهائڻ دوران بدنظمي سبب ٿيندڙ ڀاڄ ۾ 12 فوتگين جي واقعي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: شهري قرلت ڪندڙ ڌوهارين مٿان گاڏي چاڙهي ڇڏي، هڪ ڦورو مارجي ويو، 2 گرفتار

ڪار جي ٽڪر ۾ ٽئي جوابدار زخمي ٿي پيا، جن کي شهرين پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

زخمي 2 جوابدارن جي شير الله ۽ عبدالنصير کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي: پوليس

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي علائقي سهراب گوٺ جي پل وٽ ڪار سوار شهري موٽرسائيڪل تي سوار 3 مبينا ڦورن کي ٽڪر هڻي قرلت جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پي ٽي آءِ طرفان عدليا ۽ آئين جي بالادستي لاءِ هم خيال سياسي جماعتن سان رابطي جو فيصلو

آئين جي بالادستي لاءِ سياسي پارٽين سان رابطن جو فيصلو، عدليه تي حملو روڪڻ لاءِ قوم کي گڏ ٿيڻو پوندو: عمران خان

جيڪي سياسي پارٽيون آئين جي بالادستي لاءِ ويهڻ چاهين ٿيون انهن سڀني سان رابطو ڪيو وڃي

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان زمان پارڪ لاهور ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ حليم عادل شيخ ۽ اڳوڻي سنڌ جي گورنر عمران اسماعيل سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال، چونڊن جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ ڪيس جي معاملي تي ڳالهيون ڪيون ويون

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پارٽي اڳواڻن کي رول آف لا ۽ آئين جي بالادستي لاءِ سمورين سياسي پارٽين ۽ سول سوسائٽي سان رابطن جو ٽاسڪ ڏنو ويو

اسان کي ذميواري ملي آهي، انشاءالله سياسي پارٽين سان رابطو ڪيو ويندو، سنڌ جي سياسي، مذهبي ۽ قومپرست پارٽين ۽ سول سوسائٽي سان به رابطو ڪيو ويندو: حليم عادل شيخ

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان آئين جي بالادستي لاءِ پارٽي اڳواڻن ۽ سمورين سياسي پارٽين سان رابطن جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ان حوالي سان عمران خان چيو آهي ته عدليه تي حملا روڪڻ لاءِ سموري قوم کي گڏ ٿيڻو پوندو. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان زمان پارڪ لاهور ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ حليم عادل شيخ ۽ اڳوڻي سنڌ جي گورنر عمران اسماعيل سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01



اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان (فائيل فوٽو)

پاڪستان انساني وسيلن ۾ گهٽ سيڙپڪاري ڪري پيو: ورلڊ بينڪ

اسلام آباد (م ر) ورلڊ بينڪ جي نئين رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته انساني وسيلن ۾ ناقص سيڙپڪاري پاڪستان جي 2047 تائين هڪ اعليٰ وچولي آمدني وارو ملڪ بڻجڻ جي مقصد جي حاصلات کي محدود ڪري ڇڏيندي. رپورٽ موجب پاڪستان جو هيومن ڪيپيٽل انڊيڪس 0.41 آهي جيڪو هر لحاظ کان گهٽ آهي. ڏکڻ ايشيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وفاقي سرڪار سپريم ڪورٽ جي ٽن ججز خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي: راڻا ثناءالله

ڊي ايم ۾ شامل سمورين پارٽين 3 رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو آهي

پي ڊي ايم ۾ شامل سمورين پارٽين فيصلو ڪيو آهي ته اسان 3 رڪني بينچ جي ڪارروائي جو حصو نه بڻجنداسين

جيڪي اڳواڻ چونڊن جي التوا تي اعتراض ڪري رهيا آهن اهي اصل ۾ پنهنجي پارٽي قيادت سان رابطي ۾ نه آهن

هن ٽنهي ججز هڪ فيصلو اهڙو به ڏنو جنهن کي صرف مسلم ليگ ن ئي غلط ناهي چيو

اسلام آباد (م ر) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي ٽن ججز خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ تي وفاقي سرڪار غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته پي ڊي ايم ۾ شامل سمورين پارٽين 3 رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته سمورين اتحادي پارٽين جا سربراهه اجلاس ۾ موجود هئا جنهن ۾ سمورن مسئلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05



اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وفاقي شرعي عدالت جو اڳوڻو چيف جسٽس حاذق الخيري مٽيءَ ماءُ حوالي

ڪراچي (م ر) وفاقي شرعي عدالت جي اڳوڻي چيف جسٽس ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس (ر) حاذق الخيري جي مڙهه کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. رپورٽ موجب جسٽس (ر) حاذق الخيري سنڌ جي محتسب، سنڌ مسلم لا ڪاليج جو پرنسپل ۽ نظرياتي ڪائونسل جي ميمبر طور به خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي. هو اردو جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ٽن ججز خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ جو نتيجو ٻڙي نڪرندو: شيخ رشيد

ٽن ججز خلاف ريفرنس جي معاملي جو بيان راڻا ثناءالله جهڙو شخص ئي ڏئي سگهي ٿو

انهن ساڳين ججز پي ٽي آءِ خلاف به فيصلا ڏنا هئا. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته من پسند فيصلا ججز کان ورتا وڃن

حڪومت جو چونڊن کان فرار ٿيڻ عدليه تي دٻاءُ وجهڻ ۽ غريب پاران اٽي لاءِ حياتيون ڏيڻ سڀ خطري جون نشانيون آهن

راولپنڊي (م ر) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي ٽن ججز خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ جو نتيجو به زيرو نڪرندو. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي شيخ رشيد چيو ته ٽن ججز خلاف ريفرنس جي معاملي جو بيان راڻا ثناءالله جهڙو شخص ئي ڏئي سگهي ٿو انهن ساڳين ججز پي ٽي آءِ خلاف به فيصلا ڏنا هئا. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته من پسند فيصلا ججز کان ورتا وڃن. هن چيو ته حڪومت جو چونڊن کان فرار ٿيڻ عدليه تي دٻاءُ وجهڻ ۽ غريب پاران اٽي لاءِ حياتيون ڏيڻ سڀ خطري جون نشانيون آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ جي پيٽن تي قبضو برداشت نه ڪنداسين: اياز لطيف

ڊڪٽيٽرن ۽ عدالتن غلط فيصلا ڪيا پر انهن کي ڪير به چوڻ لاءِ تيار ناهي

دنيا جي اشاري تي پاڙيسرين سان جهيڙا نه ڪرڻ گهرجن. عالمي طاقتن جا پنهنجا مفاد آهن

بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن وانگر ڪنهن سان به جهيڙا نه هجن. اڪائونٽبلٽي ۽ شفافيت سان اڳتي وڌڻ گهرجي

ٺٽو (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس اياز لطيف پليجو جي صدارت ۾ ڪينجهر تي ٿيو اجلاس ۾ عالمي، ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز لطيف پليجو

گورنر سنڌ جي سيڪيورٽي واري گاڏي کي حادثو، 2 اهلڪار زخمي

حادثو ڪراچي ۾ شاهين بخاري سگنل تي موڙ وٺڻ دوران پيش آيو

حادثي جي نتيجي ۾ 2 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي گاڏي مان ڪري پيا

ڪراچي (م ر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جي قافلي ۾ شامل سيڪيورٽي گاڏي ٽريفڪ حادثي جو شڪار ٿي وئي، حادثي ۾ 2 اهلڪار زخمي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

گيس مسئلو حل نه ٿيو ته بل زيرو ڪرائيندس: گورنر سنڌ

ايم ڊي سوئي گئس 1 هفتي اندر گئس فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو آهي: ڪامران ٽيسوري

مان روزو افطار ڪندس ۽ صوبي جي ٻين شهرن ۾ به افطار ڪندس، تنقيد ڪندڙ پنهنجو ڪم ڪندا رهن

عيد الفطر ڪانپوءِ 50 هزار نوجوانن کي مفت آءِ ٽي ڪورس ڪرايا ويندا

ڪراچي (م ر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته جيڪڏهن سوئي گيس جو مسئلو حل نه ٿيو ته عوام کي گئس جا بل گورنر هائوس ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن. بهادر آباد ۾ فوڊ ريسٽورنٽ جي آمد جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16



ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري تقريب دوران دعا گهري رهيو آهي

ايران ۾ ٻاهه لڳڻ سبب سڙي فوت ٿيل نئون ديرو واسي 5 ڀاتين جا مڙهه اباڻي ڳوٺ پهچي ويا

نئون ديرو (رپورٽر) ايران ۾ گهر اندر ٻاهه لڳڻ سبب سڙي فوت ٿيل نئون ديرو واسي هڪ ئي ڪٽنب جي 5 ڀاتين جا مڙهه اباڻي ڳوٺ پهچي ويا. 22 ڏينهن ڪانپوءِ ٻارڙن سميت 5 ڄڻن جا مڙهه ڳوٺ راضي پتافي پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ايران جي راڄڌاني تهران جي علائقي قلعي گابر واري علائقي ۾ گهر اندر گئس جو سلينڊر ڦاٽڻ ڪانپوءِ ٻاهه لڳي وئي هئي. ٻاهه لڳڻ سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ يونيورسٽيءَ جي 75 شاگردن مٿان دهشتگردي ۽ بغاوت جو ڪيس داخل، احتجاجي مظاهرا

ايف آءِ آر ۾ 65 اڻڄاتل جوابدار جڏهن ته سڃاتل شاگردن ۾ مور شاهه، حسنين جوڻيجو ۽ ٻيا شامل

هاسٽل مان نڪرندڙ شاگردن ملڪ خلاف نفرت پکيڙيندڙ نعري بازي ڪئي

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) سنڌ يونيورسٽي ۾ سيمينار دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائي بعد 75 شاگردن مٿان دهشتگردي ۽ بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته ڪراچي بار ايسوسي ايشن شاگردن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪوٽڙي: سائيٽ پوليس مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

سائيٽ ايريا ۾ ٻولهاڙي لنڪ روڊ تي ڌوهجي ارادري سان بيٺل ڌوهارين سان پوليس جو مقابلو ٿيو

مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو. ڌوهاري جي سڃاڻپ الله بچايو عرف بچو چوهاڻ طور ٿي

مارجي ويل وٽان هڪ پسٽل به هٿ ڪيو ويو آهي: پوليس جي دعويٰ

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ پوليس رات دير سان ڌوهاري کي مبينا پوليس مقابلي ۾ قتل ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب ڪوٽڙي سائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪنڌرا مان اغوا ٿيل شاگرد ساحل ڪمار کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

ساحل ڪمار کي بازياب ڪرائي ايس ايس پي آفيس سکر آندو ويو

ساحل ڪمار جا وارث گلن جا هار ۽ مٺائي جا دٻا کڻي ايس ايس پي آفيس پهچي ويا

سکر/ڪنڌرا (نمائندن وٽان) ڪنڌرا مان اغوا ٿيل ساحل ڪمار بازياب ٿي ويو آهي. پوليس پاران ڪنڌرا واسي شاگرد ساحل ڪمار کي بازياب ڪرائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سعودي فرمانروا پاران نواز شريف ۽ شهباز شريف کي عمري جي دعوت

اسلام آباد (م ر) سعودي شاهي اختيارين نواز شريف سان گڏ وزيراعظم شهباز شريف کي به عمري جي دعوت ڏئي ڇڏي. نواز شريف رمضان جا آخري ڏهه ڏينهن سعودي عرب ۾ گذاريندو. نواز شريف سعودي فرمانروا شاهه سلمان جي دعوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نليگ امپائر خريد ڪرڻ ڪانسواءِ گرائونڊ ۾ ناهي ايندي: خرم نواز گنڊاپور

پي ٽي ايم گروپ مفادن لاءِ گڏ ٿيو آهي، ان جو قانون ۽ انصاف سان ڪو به تعلق ناهي

نگران حڪومت جو مدو 90 ڏينهن جو هوندو آهي جيڪو پاڻمرادو ختم ٿي ويندو آهي

شڪرگڙهه (م ر) پاڪستان عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري خرم نواز گنڊاپور چيو آهي ته مسلم ليگ ن امپائر خريد ڪرڻ ڪانسواءِ گرائونڊ ۾ نه ايندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ خنجراب لنگهه 3 سالن ڪانپوءِ ٻيهر کلي ويو

پاڪستان پهچڻ کان اڳ ڪوويڊ 19 جي حوالي سان سمورا ضروري قدم کنيا وڃن: سرڪاري ذريعا

30 نومبر هر سال ۽ پهرين ڊسمبر کان 31 مارچ تائين بند ڪيو ويو

بيجنگ (م ر) پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ اهم واپاري شاهراهه خنجراب پاس ٽن سالن جي وقفي ڪانپوءِ ٻيهر کوليو ويو آهي. گلگت بلتستان کي چين جي صوبي سنڪيانگ سان ڳنڍڻ وارو پاسو 2020 ۾ ڪورونا وائرس جي وبا سبب بند ڪيو ويو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

شرجيل انعام ميمن جو شاهه محمود قريشي جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ سماءِ واري وزير شرجيل انعام ميمن شاهه محمود قريشي جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ۾ چيو آهي ته شاهه محمود قريشي موسم کي ڏسي پارٽيون ۽ قائد تبديل ڪندو رهيو آهي. صوبائي وزير پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته پيپلز پارٽي شاهه محمود کي سازش ڪندي پڪڙيو. هن چيو ته عمران نيازي کي سڀ کان وڌيڪ خطرو لوٽي شاهه محمود مان آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20



لاهور: مقتول رٽائرڊ ايس پي ٻئي پاسي سندس قتل ۾ گرفتار ڪيل پاڃائي بيٺل آهي

حج ۾ پاڪستانين لاءِ نئين رڪاوٽ پيدا ٿي وئي

مذهبي معاملن واري وزارت حڪومت کان حج لاءِ فنڊز طلب ڪري ورتا

حج ۾ پاڪستانين لاءِ هڪ نئين رنڊڪ پيدا ٿي وئي آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ر) حج ۾ پاڪستانين لاءِ نئين رنڊڪ پيدا ٿي وئي آهي ۽ ڊالرن جي کوٽ سبب ڏکيائيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. مذهبي معاملن واري وزارت حڪومت کان حج لاءِ فنڊز طلب ڪري ورتا آهن ذريعن موجب حج ۾ پاڪستانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25



اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار حج اسڪيم بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ناليوارو اداڪار انور شاد فالج جي بيماري ۾ مبتلا، واهر جي اپيل

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جو ناليوارو ڪهاڻيڪار ۽ اداڪار انور شاد هڪ هفتي کان فالج جي بيماري ۾ سيوهڻ اسپتال داخل، سرڪاري خرچ تي علاج ۽ واهر جي اپيل ڪئي وئي آهيسنڌ جو ناليوارو ليکڪ ۽ اداڪار مختلف نجي ٽي وي چينلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي ۾ ڪراچي جماعت اسلامي پاران بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف احتجاجي ريلي

گلزار هجري واري علائقي ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ سچل ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامني ۽ پوليس سرپرستي ۾ منشيات جي وڪري خلاف ريلي ڪڍي وئي

رمضان شريف جي پلاڙي مهيني ۾ گئس جي لوڊ شيڊنگ ڪئي وڃي ٿي جنهن سبب سحري ۽ افطار ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي: مظاهرين

پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار سرعام جاري آهي جنهن سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهه ٿيندو پيو وڃي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جماعت اسلامي طرفان گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ سچل ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف هٿن ۾ بئنر کڻي فاريا چوڪ گلزار هجري روڊ تي احتجاجي ريلي مظاهرو خبرموجب ڪراچي جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



ڪراچي: جماعت اسلامي پاران بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ايران ۾ نئون ديرو واسي فوت ٿي ويلن جا لاش ڏيهه آندا ويا

5 فوتين جي جنازي نماز ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي، مختلف اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

فوتين ۾ منير پتافي جا ٻه پٽ 19 ورهين جو غلام رضا، 16 ورهين جو محرم علي ۽ ٻيا شامل

نئون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پٺو) ايران جي شهر تهران جي قلعي گابري واري علائقي ۾ گهر اندر گئس جو سلينڊر ڦاٽڻ سبب نئون ديرو پرسان ڳوٺ راضي پتافي واسي حادثي ۾ هڪ ٿي گهر جا 3 FCC نيئنگرن سميت 5 فوت ٿي ويل پاتين جا لاش ايران کان ڏيهه آڻڻ بعد گهر پهچايا ويا جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي، فوتين جا لاش 22 ڏينهن بعد نئون ديرو پرسان ڳوٺ راضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پيري ۾ مردم شماري جي عملي پاران مردم شماري جو بائيڪاٽ، احتجاجي مظاهرو

مردم شماري ۾ استعمال ٿيندڙ ٽيبلٽس پنهنجي سپروائيزرن وٽ جمع ڪرائي ڪم جو بائيڪاٽ ڪيو ويو، سخت نعريبازي

رمضان شريف ۾ به اسان سڄو ڏينهن گهر گهر وڃي مردم شماري ڪيون ٿا پر اسان کي ان جو معاوضو نه ٿو ڏنو وڃي: مظاهرين

جيستائين تائين اسان کي اسان جو حق نه ملندو تيستائين اسان مردم شماري جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي ڪنداسين

ڪراچي(رپورٽر)پيري جي مردم شماري عملي پاران معاوضو نه ملڻ خلاف مرد شماري جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو پيري جي 30 اينو ميٽرز مردم شماري جي معاوضي نه ملڻ خلاف پنهنجي مردم شماري ۾ استعمال ٿيندڙ ٽيبلٽس پنهنجي سپروائيزرن وٽ جمع ڪرائي ڪم جو بائيڪاٽ ڪندي چيو آهي ته رمضان شريف ۾ به اسان سڄو ڏينهن گهر گهر وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

درازن ۾ صوفي حضرت سچل
سرمست رحہ جي 202 هين ساليانو
عرس مبارڪ جو شيڊول جاري

خيرپور (ڊ ر) دولهه درازن ۾ صوفي حضرت سچل سرمست رحہ جي 202 هين ساليانو عرس مبارڪ سچل ياد گارڪاميٽي پاران 4، 5 ۽ 6 اپريل ،13، 14، 15 رمضان جو شيڊول ڪارڊ جاري خيرپور 02 اپريل 2023: سچل ياد گار ڪاميٽي خيرپور جي چيئرمين ڊاڪٽر شرجيل نورچنا پاران جاري ڪيل شيڊول ڪارڊ مطابق سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



ڪراچي: مردم شماري جي عملي پاران مردم شماري جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ: ناميارِي محقق اديب,عالم استاد خادم عباسيءَ جي جنازي جي نماز

جنازي نماز ۾ سنڌ جي نامور اديبن شاعرن,تعليمدانن آصف لاڪائي, انعام شاهه ٻيلهاڙوي ۽ ٻين جي شرڪت

اسلم ٻڍ,زاهد تنيو, ڊاڪٽر يار مرڪنڊ, نياز ملاح, ثناءُ الله جڪڙ,علي حيدر کهڙو,پرويز عباسي ۽ ٻين ٻڻ شرڪت ڪئي

سوين آلين اکين سان صوفي بزرگ ۽ شاعر فقير نانڪ يوسف جي مزار واري صحن ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

گمبٽ (رپورٽر) سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي محقق اديب، عالم ۽ مورخ استاد خادم عباسيءَ جي جنازي جي نماز اڄ صبح يارهين وڳي عيدگاهه اڳڙا ۾ ادا ڪيي وبي، سندس جنازي نماز ۾ سنڌ جي نامور اديبن شاعرن، تعليمدانن آصف لاڪايي، انعام شاهه ٻيلهاڙوي، لالڻ چنو، ساهه شيخ، منظور گلال، نذير سروهي، گوهر شيخ، مرتضا شيخ، چيزل جامڙو، اسلم ٻڍ،زاهد تنيو ڊاڪٽر يار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ شهرين پاران پريس ڪلب آڏو بااثر وياجين خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

گلزار ميمڻ، ماجد ميمڻ، عادل، رياض ميمڻ دادو پريس ڪلب آڏو بااثر وياجين خلاف سخت احتجاج ڪيو

بااثر وياج خورن اعجاز ابڙو ۽ ابڙو ۽ ٻين گهر تي حملو ڪيو ۽ گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

وياجين جيڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، بااثر وياجين خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر جي رهواسين گلزار ميمڻ، ماجد ميمڻ، عادل، رياض ميمڻ دادو پريس ڪلب آڏو بااثر وياجين خلاف احتجاج ڪري نعري بازي ڪئي، گلزار ميمڻ ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو ته سندس پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

تعليم کاتي ناري تعلقي جي آفيسر
جي زيادتين خلاف بيوه جو رٽائرڊ
ملازمن سان گڏ احتجاج

خيرپور (ڊ ر) تعليم کاتي ناري تعلقي جي آفيسر جي زيادتين خلاف بيوه جو رٽائرڊ ملازمن سان گڏ خيرپور ۾ احتجاج ڪيو تفصيل موجب ناري تعلقي جي رهواسي مرحوم استاد امان الله پنهيرو جي بيواهه گهرواري مسسات فيروز بانو پٽ احسان الله پنهيرو ۽ ضلعي جي صدر رٽائرڊ ايمپلائيز اينڊ پينشنرس خيرپور ضلعي جي فقير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21



دادو: شهرين پاران پريس ڪلب آڏو بااثر وياجين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو ۾ سپريم ڪورٽ جي حڪم کي ٻيلي کاتي جي عملدارن ٽڏي ڇڏيو

تعلقي جي ڪچي جي ٻيلي کاتي جي زمين تي ٻيلي کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان قبضا برقرار

قبضي هيٺ ٻيلي کاتي زمين تي پوڪيل ڪٽڪ لهڻ شرط ٻيلي کاتي جا عملدار ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا

وڻن جي واڍي ۽ غيرقانوني وڪرو بند ڪرائي ملوث عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري ٻيلي کي بچايو وڃي: اڳواڻ

ڪنڊيارو (رپورٽر) سپريم ڪورٽ جي حڪم کي ٻيلي کاتي جي عملدارن ٽڏي ڇڏيو ٻيلي محبت ديرو ماهي جا پاڻ سميت تعلقي ڪنڊيارو جي ڪچي جي ٻيلي کاتي جي زمين تي ٻيلي کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان قبضا برقرار جڏهن ته قبضي هيٺ ٻيلي کاتي زمين تي پوڪيل ڪٽڪ لهڻ شرط ٻيلي کاتي جا عملدار ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا جڏهن ته ٻيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۾ نجي اسڪول انتظاميا خلاف مارڪن ڏيارڻ جي بهاني ٺڳي ڪرڻ جو الزام

وارڊ 3 شاهي بازار جي رهواسي شهري رجب علي راهمون پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي

ايجنٽ نديم عباسي مون کان 2 لک سٺ هزار رپيا ورتا آهن پر طع شده مارڪون نه مليون آهن: رجب علي راهمون

مارڪن عيوض ورتل رقم واپسي جي گهر ڪئي ته 60 هزار رقم واپس ڪرڻ بعد باقي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي

بدين(رپورٽ مرتضى ميمڻ) بدين جي شهري جو نجي اسڪول انتظاميا خلاف مارڪن ڏيارڻ جي بهاني ٺڳي ڪرڻ جو الزام تفصيل موجب بدين جي وارڊ 3 شاهي بازار جي رهواسي شهري رجب علي راهمون پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سندن ٻه ٽياڻيون شهر جي خانگي اسڪول نيشنل اسڪول ۽ ڪاليج ۾ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس ۾ پڙهندڙ آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽري ميرواهه ڪورٽ سڳوري کان
حاضري تان واپس ايندي رستي ۾
مڙس جو زال مٿان تشدد

ٽري ميرواهه (رپورٽر) ٽري ميرواهه ڪورٽ سڳوري کان حاضري تان واپس ايندي رستي ۾ مڙس جو زال مٿان تشدد 3 مهينن جو ٻار ضلع عورت زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر ميرواهه داخل واقعي جي ميرواهه ٿاڻي تي رپورٽ داخل ان موقعي تي زخمي گلنار خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته مقصود احمد پٽ الله بخش خاصخيلي سان شادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



بدين: نجي اسڪول انتظاميا خلاف مارڪن ڏيارڻ جي بهاني 2 لک ٺڳي ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو

ميرواهه گورچاڻي ۾ مدرسي محي السلام صديقه ۾ غريب مستحق 1500 خاندانن ۾ راشن تقسيم

سامان ورهائڻ واري تقريب ۾ پرپاسي وارن علائقن کان آيل سياسي، سماجي اڳواڻن سميت تاجرن، صحافين ،شهرين شرڪت ڪئي

سماجي اڳواڻ پير نور العارفين صديقي جي خصوصي تعاون سان 1500 مستحق خاندانن لاءِ راشن موڪليو ويو آهي: اڳواڻ

3 پريس ڪلب جي اسد علي سمون، ايڊووڪيٽ ظهير احمد شر ,مولانا نذير مگريو ,مولانا اشتياق احمد مشتاق سميت ٻيا شريڪ هئا

ميرواهه گورچاڻي (رپورٽر) پير علاوالدين صديقي ٽرسٽ پاران مولانا مشتاق احمد نقشبندي جي زير نگراني مدرسي محي السلام صديقه ۾ غريب مستحق 1500 خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو ميرواهه گورچاڻي ۾ هر سال جيان هن سال به عالمي فلاحي اداري پير علاوالدين صديقي ٽرسٽ پاران مدرسي محي السلام صديقه ۾ مولانا مشتاق احمد نقشبندي جي زير نگراني 1500 مستحق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

اوباوڙو پرسان پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو، 2 ڌوهاري مارجي ويا

مارجي ويل ڌوهارين کان 2 پسٽل برآمد ٿيا، ڌوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

مارجي ويل ڌوهارين خلاف ڪنيڙا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

اوباوڙو(غلام علي رند) اوباوڙو لڳ ڪنيڙا ٿاڻي جي حد مير ڪوش پرسان گذريل رات پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو آهي مقابلي ۾ 2 ڌوهاري مارجي ويا آهن مارجي ويل ڌوهارين کان 2 پسٽل برآمد ٿيا آهن جڏهن ته 2 ڌوهاري فرار ٿيڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مليرجي علائقي مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ افطار پارٽي جو اهتمام

گڏاپ پريس ڪلب ۽ آل پاڪستان ميڊيا ڪونسل مليرجي سينيئر صحافين ۽ ٻين جي شرڪت

افطار تقريب دوران بزرگ شخصيت پير وقار رحماني ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا ڪئي

ڪراچي(رپورٽر) ملير جي علائقي مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي طرفان ايس ڊي خال ۾ افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ گڏاپ پريس ڪلب ۽ آل پاڪستان ميڊيا ڪونسل ملير جي سينيئر صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ڪراچي: مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو

راٽيپور مان نامعلوم چور دڪان مان قيمتي سامان ڀڄاري ويا

متاثر دڪاندار پاران چوري جي واقعي جي راٽيپور ٿاڻي تي اين سي دا خل ڪرائي وئي

اسان جي ٿيل چوري واپس ڪرائي ڏني وڃي ۽ چوري ۾ ملوث چور گرفتار ڪيا وڃن: متاثر

راٽيپور(رپورٽر) راٽيپور مان منير آنوز راٽيپورجا نامعلوم چور رات جي وقت ۾ تالا ٽوڙي دڪان مان ڪيش رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌڙي واسي نوجوان سان بلوچستان جي ناري پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

رضا خوشي سان مسلمان ٿي شادي ڪئي آهي مونکي ڪي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو: ناري

مائٽن پاران اسان جي قتل جو منصوبو جوڙيو ويو آهي ۽ تحفظ فراهم ڪري جانيون بچايون وڃن

سامارو (رپورٽر) بلوچستان واسڻ هندو ناري پريمي ڏي ويسات پيل سامارو پرسان خانقاه گلزار خليل پيرسرهندي ۾ مسلمان سنڌڙي واسي نوجوان محمدعلي خاصخيلي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو رضا خوشي سان مسلمان ٿي شادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽي پرسان ٻوڏ متاثرن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو

مهانگائي عوام کي سخت متاثر ڪيو آهي : چيئرمين ممتاز عالم

اسان جي فائونڊيشن ڪنهن به قدرتي آفت ۾ ماڻهن جي مدد لاءِ تيار آهي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) دعا فائونڊيشن ۽ ڪريسنٽ رليف آسٽريليا جي سهڪار سان ٻوڏ متاثرن ۾ امدادي سامان جي ورچ دعا فائونڊيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



ٺٽو: ٻوڏ متاثرن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو

بدين ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جو سي اين جي اسٽيشن تي ڇاپو

ايل اين جي گيس جي غير قانوني وڪري الزام هيٺ سي اين جي اسٽيشن سيل

اي سي غير قانوني وڪري جي الزام هيٺ سي اين جي اسٽيشن کي سيل ڪري ڇڏيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) اسسٽنٽ ڪمشنر بدين محمد ماجد الطاف بدين شهر ۾ گولاڙچي روڊ تي ايس ايس پي هائوس لڳ هڪ سي اين جي اسٽيشن تي ڇاپو هڻي مينا طور سلينڊرن ذريعي ايل اين جي گيس مسافر گاڏين کي غير قانوني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سجاول ۾ اسڪول جي شاگردن کي عيد جا ڪپڙا ۽ خرچي ڏني وئي

سنڌ ايڊيو ڪيشن فائونڊيشن شاگردن کي عيد جا ڪپڙا خرچي ڏني ڏني ويندي آهي: اڳواڻ

هي ٻار اسان جي سنڌ ۽ پاڪستان جو شعور ۽ سرمايو آهن پنهنجي ٻار کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ سنڌ ايڊيو ڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان السٽ پاران سجاول لڳ ڳوٺ نور محمد ڪونجڙو ۾ السٽ اسڪول جي شاگردن کي عيد جا ڪپڙا ۽ خرچي ڏني وئي. ان موقعي تي السٽ اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



سجاول : اسڪول جي شاگردن کي عيد جا ڪپڙا ۽ خرچي ڏني وئي

ٽري ميرواهه پرسان مختلف ڳوٺن مان ڇهه مهينا گذرڻ باوجود پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

پاڻي ديهه تلي جي ڳوٺ يار محمد شينو، ڳوٺ غلام محمد شينو، ڳوٺن ۾ ڪيل تباهي ڪري ڇڏي

اسان ڪلي ڪچهري ۽ اي سي ٽري ميرواهه خيرپور سميت ڪيترين درخواستون ڏنيون آهن: رهواسي

خيرپور (رپورٽر) يوسي تلي تعلقي ٽري ميرواهه جي ڳوٺ يار محمد شينو ۽ غلام محمد شينو ۾ ڇهه مهينا گذرڻ باوجود هن لاوارث ڳوٺن جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو عوام سراپا احتجاج ٽري ميرواهه پرسان ناري تعلقي جي جابلو پٽي کان وهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خيرپور جي ڪوهي ۾ بجلي جي تارن مان ٻن گهرن کي باهه وارو واقعو

صوبائي وزير منظور حسين وساڻ نوٽيس ورتو متاثرن جي مالي مدد ڪپڙا ۽ پئسا تقسيم

متاثرن کي ڪپڙا راشن ۽ 50.50 هزار نقد امداد ڏني ۽ ڪين هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي وئي

ٽالپرواڙا(رپورٽر) ٽالپرواڙا پرسان خيرپور جي ڪوهي ۾ بجلي جي تارن مان ٻ گهر سڙڻ وارو واقعو صوبائي وزير منظور حسين وساڻ نوٽيس ورتو متاثرين جي مالي مددڪپڙا راشن ۽ پنجاه پنجاه هزار روڪ امدد ٻپ اڳواڻ حاجي غلام اصغر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ديال سنگهه جي قتل جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي: ڊاڪٽر شام سندر

ديال سنگهه جي سوڳوار خاندان سميت سک برادري سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

هن قسم جا واقعا ملڪ جي پرامن ماحول خراب ڪرڻ جي سازش سمجهون ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر ڪي آڏواڻي پاران پشاور ۾ ڪريا نه دڪان جي مالڪ ديال سنگهه جي سندس دڪان اندر قتل واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ديال سنگهه جي قتل جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28



ڪراچي: ڊاڪٽر شام سندر نقيب ۾ ويٺل نظر ايندي

نوشهروفيروز ۾ هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ پاران مفت رت جي عطيي جي ڪئمپ قائم

اسان سماجي اڳواڻن ڪاظم علي ميمڻ، سرفراز علي اعوان جو شڪرگذار آهيون جن خصوصي تعاون ڪيو آهي: سماجي اڳواڻ

ٿيليسيميا,هيموفيليا, ڊائلاسز ۽ ايمرجنسيءَ لاءِ ڊونر فراهم ڪيا اڳواڻن چيو ته هيءَ بلڊ بئنڪ لوڪل ماڻهن جي تعاون سان هلي ٿي

رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو، صحتمند انسان هر ٽن مهينن ڪانپوءِ رت جو عطيو ڏئي سگهي ٿو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران مفت رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ 15 نوجوانن پاران رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن اعجاز ممنائي علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



نوشهروفيروز :هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ پاران مفت رت جي عطيي جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي

مليرجي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ قبضا مافيا
سرگرم ڊپٽي ڪميشنر مليرتمام
ڪوششن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) مليرجي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ قبضا مافيا سرگرم ڊپٽي ڪميشنر ملير تمام ڪوششن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو محمد اسلم شر. مختيار ڪار مراد ميمڻ قبضا مافيا سان گڏجي ويا ڪوڙا ڪاغذ تيار ڪري ملير جي علائقن ۾ قبضا ڪرڻ ۾ سرگرم عوام پريشان هڪ سال ۾ ڪروڙين روپين جي جائيداد ٺاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جي بريڪ ڊائون ٿيڻ سبب 72 انچ قطر لائين متاثر

اطلاع ملڻ تي واٽر بورڊ عملدارن ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي پهچي ڪري متاثر لائين جو معائنو ڪيو

ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي اڄ صبح 11 لڳي پنج منٽن تي بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو آهي: ترجمان

متاثر لائين جي بحالي واري ڪم کي هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي : ميڊيا سان ڳالهيندي ڪراچي(رپورٽر) ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي ڪي اليڪٽرڪ پاران بجلي جي بريڪ ڊائون ٿيڻ سبب 72 انچ قطر جي لائين نمبر 5 متاثر ٿي ويئي، ترجمان واٽر بورڊ موجب ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي اڄ صبح يارهن لڳي پنج منٽن تي بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي ۾ ڪشمور مان اغوا ٿيل ٻن پورهيت پائرن ۽ ٻين جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي ريلي

آل پاڪستان نوناري ايسوسيئشن پاران محمد حسين محنتي، غلام مصطفي چانڊيو ،حافظ نصر الله چنو ميرذوالفقار علي نوناري ۽ ٻين احتجاج ڪيو، سخت نعريبازي

حڪومت جي ذميواري آهي ته اها امن وامان قائم ڪري مگر حڪمرانن جي نااهليءَ جي ڪري انساني جانيون محفوظ ناهن افسوس سان سنڌ اندر حاملا عورتن کي به اغوا ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

سنڌ جي ڪشمور ڪنڌڪوٽ شڪارپور گهوٽڪي جيڪب آباد ضلعن اندر ڌاڙيلن جو راڄ قائم ٿيل آهي ڪو به ماڻهو محفوظ نه آهي حڪومت امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪشمور ضلعي مان اغوا ٿيل ٻن پورهيت پائرن عبدالحسيب نوناري ۽ عبدالرئوف نوناري ۽ ٻين جي بازيابيءَ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان جماعت اسلامي ۽ آل پاڪستان نوناري ايسوسيئشن جي طرفان محمد حسين محنتي، غلام مصطفي چانڊيو ،حافظ نصر الله چنو ميرذوالفقار علي نوناري محمد اسماعيل نوناري امداد ڪوسو مجاهد چنو ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11



ڪراچي: ڪشمور مان اغوا ٿيل ٻن پائرن ۽ ٻين جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

غوثپور ۾ پوليس جو گشت دوران ڌوهارين سان مبينا مقابلو، هڪ ڌوهاري گرفتار

ڌوهارين پوليس کي ڏسندي مٿن فائيرنگ شروع ڪري ڏني، پوليس پاران به جوابي فائرنگ ڪئي وئي

پوليس ۽ ڌوهارين هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ۾ هڪ ڌوهاري پورو پٽ سالار گولائو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

پنج جوابدار اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، گرفتار جوابدار کان جاچ ڪريون پيا: پوليس

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور ايس ايچ او اختيار احمد ناريجو سندس جي ٽيم جو مٿن انڊس هاءِ وي تي لنڪ روڊ تي گشت دوران ڌوهارين سان مبينا مقابلو ڌوهارين پوليس کي ڏسندي مٿن فائيرنگ شروع ڪري ڏني پوليس طرفان به جوابي فائيرنگ ڪئي ويئي پوليس ۽ ڌوهارين جي هڪ ٻئي مٿان فائيرنگ ۾ هڪ ڌوهاري پورو پٽ سالار گولائو زخمي حالت ۾ گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪينجهر تي قومي عوامي تحريڪ اياز لطيف پليجو جي صدارت ۾ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌائڻ، آئي جي ڪوٽ ۽ غربت جي شرح ۾ اضافي، ڪراچي ۾ راشن وٺڻ دوران 15 جڻا چيپاجي فوت ٿيڻ ۽ ٻين معاملن تي غور ويچار

ڊجيٽل آدمشماري، ڊومبسائل, پي آر سي جي قانون ۾ تبديلي، پيٽ، ساحلي پٽي ۽ معدني وسيلا وفاق کي ڏيڻ سنڌ دشمن قرار ڏئي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

پاڪستان ۾ خرابي جي شروعات لياقت علي خان جي دور کان ٿي، جنهن اختيار مولوين جي حوالي ڪري ڇڏيا ملڪ هن وقت سنگين بحرانن مان گذري رهيو آهي: اياز لطيف پليجو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس اياز لطيف پليجو جي صدارت ۾ ڪينجهر تي ٿيو اجلاس ۾ عالمي، ملڪي ۽ سنڌ جي صورتحال جو تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ پيٽرول جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شاهپور چاڪر ۾ يوسي عظيم آباد
جي ڳوٺ منثار فقير ماري جي رهواسي
پائرن پاران احتجاج

شاهپور چاڪر(رپورٽر) يوسي عظيم آباد جي ڳوٺ منثار فقير ماري جي رهواسي پائرن خالد حسين ماري ۽ اله داد ماري پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي الزام مڙهيو آهي ته شڪ چونڪي شهداد پور جي نائب خليفي جماعت کي چيو آهي ته اسان جو هٽ بند آهي ڪير به هن کي هٽ نه ڏيئي، اسان کي مسجد ۾ داخل ٿيڻ ذڪر ۽ عبادت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



ٺٽو: ڪينجهر تي قومي عوامي تحريڪ اياز لطيف پليجو جي صدارت هيٺ منعقد اجلاس جو ڏيک

اي سي محرابپور جو پرائيويٽ گارڊ سان گڏ صحافي جي سوال تي حوصلي کان ٻاهر نڪري ويو

صحافي تي تشدد ڪري ڪيس لاڪپ ڪرائي ڇڏيو صحافين جو ٿاڻي جي سامهون احتجاج ۽ ڌرڻو، سخت نعريبازي

صحافين پاران وڏي تعداد ۾ ڌرڻو، ڊي سي نوٽيس وٺي بروز سومر تي اي سي محرابپور ۽ صحافين کي گهرائي ورتو

ڊپٽي ڊائريڪٽر موسا گوندل ضلعي صدر يونين آف جرنلسٽ زاهد قائم خاني زاهد راڄپر ۽ محرابپور جا صحافي شريڪ ٿيندا

محرابپور(رپورٽر) اي سي محرابپور اسدالله ڪوڪر جو پرائيويٽ گارڊ سان گڏ صحافي جي سوال تي حوصلي کان ٻاهر نڪري ويو صحافي تي تشدد ڪري ڪيس لاڪپ ڪرائي ڇڏيو صحافين جو ٿاڻي جي سامهون احتجاج ۽ ڌرڻو تفصيلات جي مطابق اي سي محرابپور اسدالله جي پرائيويٽ گارڊ ۽ پرائيويٽ عملي طرفان ميڊيڪل اسٽور تي ڇاپو اسٽور سيل ۽ جرمانا لاڳو سرعام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اسلام ڪوٽ ۾ نامعلوم ماڻهن رات وقت پورهيت جي ڪئبن ٽوڙي ڇڏي، احتجاج

نامعلوم ماڻهن پاران هڪ غريب پورهيت ڳوٺ ڪاڪيهار بجير واسي عارب بجير جي ريڙهي تي ٺهيل ڪيبن وچ روڊ تي ڪيرائي ٽوڙي ڇڏي

صبح سوير جيئن ڪئبن کولڻ لاءِ شهر پهتس ته ڪئبن وچ روڊ تي ٽٽل حالت ۾ پيل هئي ۽ اندر سوڪيش وغيره ٽٽي ويا: پورهيت

هزارين روپين جو نقصان ٿيو آهي جاچ ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي منهنجي ڪنهن سان دشمني ناهي نامعلوم ماڻهن ظلم ڪيو آهي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ پوليس ٿاڻي جي سامهون نامعلوم ماڻهن رات وقت پورهيت جي ڪئبن ٽوڙي ڇڏي احتجاج. خبرموجب :اسلام ڪوٽ شهر جي مين روڊ تي پوليس جي ون فائيو جي سامهون ڪالهه رات دير سان نامعلوم ماڻهن پاران هڪ غريب پورهيت ڳوٺ ڪاڪيهار بجير واسي عارب بجير جي ريڙهي تي ٺهيل ڪيبن وچ روڊ تي ڪيرائي ٽوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



اسلام ڪوٽ: نامعلوم ماڻهن پاران غريب پورهيت جي ڪيبن ٽوڙي وچ روڊ تي ڪيرائڻ خلاف احتجاج ڪندي

ميرواهه گورچاڻي جي غريب مستحق خاندانن لاءِ اسپيشل رمضان راشن تقسيم

پرپاسي وارن علائقن ۾ غريب مستحق خاندانن ۾ 30 لک کان مٿي راشن ورهايو ويو آهي: اڳواڻ

اسان سڀئي دوست ملي ڪري مهيني وار جيب خرچ جمع ڪري هڪ کان ٻن خاندانن جي مدد ڪندا هئاسين

اسان کاڌي پيتي جي خشڪ شين سميت فروٽ، جام شيرين، کجور ۽ ٻين جو بندوبست ڪيو آهي

ميرواهه گورچاڻي (رپورٽر) ميرواهه اتحاد ٽرسٽ پاران ميرواهه گورچاڻي جي غريب مستحق خاندانن ۾ اسپيشل رمضان راشن پيڪيج تيار ڪري ڇڏيو جيڪو رات جي تاريخي ۾ ورهايو ويندو ميرواهه گورچاڻي ۾ ڪجهه نوجوانن تي مشتمل ميرواهه اتحاد ٽرسٽ جي ٿالي سان فلاحي اداري پاران مسلسل گذريل ٻن سالن کان ميرواهه گورچاڻي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ غريب مستحق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 03 اپريل 2023ع

حڪمرانن جي معاشي پاليسين جا نڪرندڙ اگرا نتيجا

حڪمرانن جي عوام دشمن معاشي پاليسين جا هاڻ اگرا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. پنجاب ۾ مفت اٽي لاءِ ماڻهو مري رهيا آهن ته سنڌ ۾ راشن جي گولا ۾ پٽڪندڙ ماڻهو مري رهيا آهن. تازوئي ڪراچي جي سائيٽ ايريا نورس چورنگي تي ڊائنگ فيڪٽري ۾ راشن ورهائڻ دوران ڀاڄ پئجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 11 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب فوتين ۾ 3 ٻار ۽ 8 عورتون شامل آهن. اکين ڏٺن شاهدن جو چوڻ آهي ته فئڪٽري ۾ ماڻهن کي زڪوات جي رقم ورهائڻ لاءِ سڏيو ويو. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ڀاڄ دوران ڪيترن ئي ماڻهن جي مارجڻ جا اطلاع آهن. جڏهن ته راشن ورهائڻ دوران ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو.

رپورٽن مطابق مقامي فيڪٽري طرفان مستحقين ۾ راشن ورهايو پئي ويو. پوليس موجب شروعاتي اطلاعن موجب جنهن جاءِ تي راشن ورهايو پئي ويو اتي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ڀاڄ پئجي وئي. پوليس موجب ڀاڄ دوران ويجهو نالي جي پٽ پڻ ڪري پئي. شروعاتي اطلاعن موجب ڀاڄ جي نتيجي ۾ 2 عورتون حياتي وڃائي ويٺيون. جڏهن ته 2 ٻارڙا نالي ۾ ڪري فوت ٿي ويا. جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پوليس جو چوڻ آهي ته 15 زخمين کي سول ۽ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. عباسي شهيد اسپتال ۾ 9 لاش، 2 لاش سول اسپتال پهچايا ويا. ٻن فوتين جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. فيصل ايڌي موجب جيڪي لاش عباسي شهيد اسپتال پهچايا ويا. اهي سمورا لاش عورتن جا آهن. جن ۾ 3 ٻارڙيون به شامل آهن. ايڌي فائونڊيشن جي رضاڪار موجب راشن ورهائڻ دوران بجلي جي تار ڪري پئي. جنهن جي نتيجي ۾ ڀاڄ پئجي وئي ۽ ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا. ان کان علاوه اکين ڏٺن شاهدن موجب ڀاڄ سبب ڪيترائي ماڻهو بيهوش پڻ ٿي ويا. ايس پي بلديا ٽائون موجب ڪمپني پاران راشن جي ورڇ جو اطلاع نه ڏنو ويو. ڀاڄ دوران پاڻي جي لائين ليڪ ٿي وئي، جنهن ۾ بجلي جي تار ڪري پئي، جنهن سبب ٻڏ فوتگيون ٿيون. پوليس ڪمپني مان 7 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس فيڪٽري مالڪن خلاف ڪيس داخل ڪري فيڪٽري کي سيل ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب وڌيڪ فوتگيون فيڪٽري جي ڪيميڪل مليل پاڻي ۾ ڪرڻ سبب ٿيون. ان حوالي سان ايس ايس پي ڪياماڙي جو چوڻ آهي ته فيڪٽري انتظاميا پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي مفت راشن جي فراهمي بابت آگاهه نه ڪيو. راشن ۽ زڪوات جي ورڇ بابت ڪا به ڄاڻ نه ڏني وئي. فيڪٽري مينيجر سميت 7 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. ايس ايس پي ڪياماڙي جو چوڻ آهي ته فيڪٽري انتظاميا جي ٻين ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويندو، واقعي جي جاچ مڪمل ٿيڻ بعد قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

عوام کي مڪمل طور موت جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. اڳوڻي حڪومت ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ته موجوده حڪومت وري ڪهڙو ٻيڙو تاريو آهي؟ اهڙي صورتحال باوجود حڪمران ساڳين عوام دشمن معاشي پاليسين تي عمل پيرا آهن. چاڪاڻ ته نيپرا بجلي واهپيدارن کي هڪ ٻيو جهٽڪو ڏيڻ جي تياري ڪري ورتي آهي. 3 رپيا 23 پئسا في يونٽ مستقل سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نيپرا بجلي واهپيدارن تي 335 ارب رپين جو واڌو بار وجهڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ان ڏس ۾ نيپرا حڪومتي درخواست تي پنهنجو فيصلو وفاقي حڪومت ڏانهن اماڻي ڇڏيو. نيپرا پاران بجلي واهپيدارن تي 3 رپيا 23 پئسا في يونٽ مستقل چارج لڳائڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. فيصلي مطابق بجلي جي قيمت ۾ واڌ سرچارج ايندڙ مالي سال کان لڳائي ويندي. اضافي سرچارج گهريلو، صنعتي، ڪمرشل ۽ زرعي صارفين تي به لاڳو ٿيندي. اضافي سرچارج ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لڳندو. فيصلي تحت هلندڙ سال جون تائين حڪومت 3 رپيا 82 پئسا في يونٽ واڌو سرچارج وصول ڪندي. جڏهن ته ايندڙ مالي سال کان 3 رپيا 23 پئسا في يونٽ سرچارج وصول ڪيو ويندو.

اسان سمجهون ٿا ته حڪمرانن کي پنهنجي معاشي پاليسين جو جائزو وٺڻ گهرجي. آخر ڪيستائين ماڻهو ايئن مفت اٽي ۽ راشن جي گولا ۾ مرندا رهندا؟

پاڪستان ۾ جمهوريت، اشرافيا جي، اشرافيا لاءِ، اشرافيا ذريعي

پروفيسر توقير حسين

هن وقت مختلف موضوعن تي بحثن ۾ سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ بحث جو اهم موضوع جمهوريت جو آهي. جتي جمهوريت جي تصور کي ان جي پريڪٽس سان آساني سان منجهائي سگهجي ٿو. جمهوريت جي ڏوکي کي حقيقت جو روپ ڏئي سگهجي ٿو. هتي ٻيو به مسئلو آهي. مختلف ملڪن ۾ جمهوري ارتقا جي مختلف مرحلن مان گذرڻ وارن انهن سمورن مرحلن کي به اسين جمهوريت چئون يا سمجهون ٿا. اهڙي صورتحال ايا ان مونجهاري کي وڌائي ٿي ڇڏي. جو ته اسان جي ذهن ۾، اهي سيئي ماڊل سماج جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ هڪجهڙا جوابدار هوندا. اهو اسان کي برداشت ڪري ٿو ۽ برداشت ڪري ٿو اهڙي نظام کي جيڪو بلڪل جمهوري ناهي ۽ ڪڏهن به جمهوري نٿو ٿي سگهي. پاڪستان ۾ جمهوريت ايا به پوائنٽي ۽ گمراهي واري آهي. اسان وٽ جيڪا جمهوريت آهي، جيڪا نظر ته اچي ٿي، پر جمهوريت وانگر ڪم نٿي ڪري. جمهوريت هڪ متحرڪ نظام هوندو آهي. اهو جامد يا رڪيل ناهي هوندو پر پاڪستان جي "جمهوريت" ڦاٿل ٿي لڳي. موجوده بحران مان جيڪڏهن ڪو "سنو" نقطو سامهون آيو آهي اهو هي آهي ته اسين روايتي دانشمندي موجب سمجهندا هئاسين ته پاڪستان ۾ جمهوريت جي ڪمزوري جا سبب، سول بالادستي جو فقدان، جمهوري نظام جي راهه ۾ بار بار فوجي رڪاوٽون يا وزيراعظمن ۽ حڪومتن جو مدو مڪمل نه ٿيڻ آهي. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. جا موجوده بحران، جنهن ۾ سياستدان پنهنجي اقتدار جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. ان سان هو ملڪ کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندا ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته اسان جي "جمهوريت" هميشه مسئلن جو سبب ۽ حصو رهي آهي. حل جو سبب نه بڻي آهي!. حقيقت ۾ اسان وٽ رائج رهندڙ "جمهوريت" خراب حڪمرانيءَ کي قانوني جواز فراهم ڪيو آهي. چونڊن ۾ هارائڻ جي خوف کان سڌارن جي مخالفت ڪندڙ ڪمزور حڪومتون پيدا ڪيون آهن ۽ ان کي ٻيهر ورجايو آهي. سڀ کان وڌيڪ، ان ۾ جمهوريت جي ٺوس مقصد جي کوٽ آهي. جمهوريت جو روپ ۽ ٺوس مقصد يا حقيقت حقيقي جمهوريت جو روپ ۽ مقصد بڻي هوندا آهن. جيستائين جمهوريت جي فارم يا روپ جو تعلق آهي ته اهو اليڪٽرول ڊيموڪريسي، آزاد ۽ منصفانه چونڊن جي عمل، ۽ حڪومتن جي پرامن ۽ منظم انداز ۾ حڪومتن جي تبديلي کي ظاهر ڪري ٿو. پر اهو فارم ۽ جمهوري روپ، ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سٺي حڪمراني قائم ڪرڻ، ماڻهن کي پاڻ پرو ڪرڻ آهي. اهو قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ. چونڊيل نمائندن کي چونڊيل ادارن ذريعي مضبوط ڪرڻو هوندو آهي يا اهڙو پيو ٺوس نظام جوڙڻو هوندو آهي. اهو سڀ ڪجهه مضبوط قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ ۽ هڪ منصفانه سماجي نظام جي ذريعي ٿي ڪري سگهجي ٿو. اهڙو ٺوس مقصد ڪانسواءِ جمهوريت کوکلي هوندي آهي. جنهن جو ڪو به روح ناهي هوندو. پاڪستان ۾ دانشور طبقو، خاص طور تي لبرل/سيڪيولر طبقو، مغربي لبرل ماڊل جي باري ۾ تمام گهڻو پرجوش آهي. جيڪو چوندو عمل جي آزادي، اظهار جي آزادي، شهري آزادين، آزاد عدليه ۽ يقيناً چونڊن تي ڌيان ڏئي ٿو. هن طبقي جو گهڻو حصو جذباتي طور تي باقي آباديءَ کان جدا ٿي زندگي گذاري ٿو ۽ عام ماڻهن جي بقا جي سخت چئلينجن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي مسئلن کان وانجهيل رهي ٿو. هن طبقي کي ته بس آزاد چونڊون، آزاد ميڊيا، آزاد عدليه ۽ آئين جي ضرورت آهي. ڏسو ته هاڻي جمهوريت آهي ۽ اها قوم جي مسئلن ۽ غريبن جو پاڻ ئي خيال رکندي. جمهوريت ۽ پيش رفت مجموعي طور سيڪيولر/لبرل طبقو، خاص طور تي ان جا مغربي نظام کان متاثر ماڻهو، ترقي يافته صنعتي ملڪن ۾ جمهوريت ۽ ترقي جي وچ ۾ هڪ عام رواجي تعلق ڏسڻ ۾ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن. تنهن ڪري، اهي هڪ جهڙي جمهوري سياسي نظام جي تقليد ڪرڻ ۽ ان مان وڏيون اميدون رکڻ سندن جائز عمل آهي. انهن جي غلطي اها آهي ته اهي مڪمل تصوير کي سمجهي نٿا سگهن. انهن مان گهڻا اهو وساري ويٺا آهن ته مغربي جمهوريت، جنهن ظاهري طور اولهه ۾ ترقي ڪئي، اهو هڪ مڪمل سياسي نظام هو. اهو سماج جو تنظيمي نظريو پڻ هو. جنهن جو مقصد برابري، انصاف، قانون جي حڪمراني، احتساب، بنيادي انساني حقن ۽ آزادين جي حفاظت، صنفي برابري ۽ اقليتن جو تحفظ هو. مجموعي طور ان ۾، جمهوريت جو بنيادي خيال انسانيت هو ۽ ماڻهن کي اهو حق ڏيڻ جو هو جيڪو انهن جي طرفان انهن تي حڪومت ڪندو. ان تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ هو هي صورت ۾. خود حڪمراني جو مقصد ڇا آهي؟ پاڻ کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. ڇا ماڻهو پنهنجي پاليسين سان پاڻ کي غمگين ڪرڻ چاهيندا؟ يقينن اهو ارادو نه هو. جيستائين ڪا قوم جمهوريت جي هن بنيادي سمجهه کي نه ڏيکاريندي ۽ جمهوريت جي رستي تي هلڻ لاءِ قدم نه کڻندي، تيستائين اها ڪڏهن به حاصل نه ٿيندي. اهو حقن ۾ هلندو رهندو يا پوئتي ڌڪبو رهندو، غريب جمهوريت مان 'ڪاڌ خوراڪ' نٿا حاصل ڪري سگهن. پاڪستان ۾ لبرل طبقي جي اڪثريت لاءِ، خاص ڪري ان جي وڌيڪ دولتمند طبقن لاءِ، اهو ئي روپ آهي. اهو جمهوريت کي صرف ڪاري ۽ اڇي طور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اتي ڪا به درجه بندي نٿي ٿي سگهي. حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت آهي ٿي ته پاڪستان جي "جمهوريت" بس ايتري ٿي آهي ته جيئن لبرلز جي آزادي جي محبت ۽ ڪجهه انساني آزادين مان لطف اندوز ٿي سگهن. پر اشرافيه اهڙي ڏيکاءَ واري جمهوريت ۾ عوام جي ڪاسٽ تي پنهنجن مقصدن لاءِ استحصال ڪري رهي آهي. ساره چيز پنهنجي ڪتاب 'ٿيوز آف اسٽيٽ' يعني رياست جا چور ۾ افغانستان ۾ ڪرپشن تي فوڪس ڪيو آهي. ساره جنهن هڪ ڏهاڪو قنڌار ۾ ۾ گذاريو ان نتيجي تي پهتي ته اڪثر ماڻهن جي خدشن جو جمهوريت سان گهڻو تعلق نه هو پاڪستان. يقيناً، افغانستان ناهي. پر ڪتاب ۾ جيڪو پيغام آهي، اهو پاڪستان تي به لاڳو ٿئي ٿو. پاڪستاني 'جمهوريت' اقتدار حاصل ڪرڻ جو اوزار آهي پاڪستان جي صورت ۾ "جمهوريت" فقط هڪ سياسي اوزار آهي. جنهن ۾ غالب سماجي گروهه يعني اشرافيه لاءِ پنهنجي دولت ۽ حيثيت قائم رکڻ لاءِ آهن. ٻيو اوزار فوجي حڪمراني جو آهي. پر فائدو حاصل ڪندڙ ٻنهي ماڊلن ۾ لڳ ڀڳ هڪجهڙا ئي طبقا آهن. اقتدار جي مڪمل چنڊچاڻ جنهن ۾ سياستدان، بيوروڪريٽس، فوج ۽ عدليه جي اعليٰ درجي تي مشتمل "ڪاروباري عوام ۽ زميندار" شامل آهن. انهن جي ملڪ جي معاشي وسيلن تي هڪ هٽي يعني اجارداري آهي. سول ۽ فوجي قيادت اقتدار لاءِ مقابلو ڪن ٿا. پر آخرڪار اسٽيٽس ڪو برقرار رکڻ لاءِ پاڻ ۾ تعاون ڪن ٿا. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي استعمال ڪن ٿيون. فوج ۽ سياستدانن جي ناڪامي کي استعمال ڪندي اقتدار ۾ اچڻ يا ان تي غلبو حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ سياستدان پنهنجي ناڪاميءَ لاءِ فوجي مداخلت يا تسلط جي ابتڙ استعمال ڪن ٿا. اهي اتحادي به آهن ۽ هڪٻئي جا مخالف به. قومن جي ناڪامي چو' تائي ڪتاب ۾ ڊارون ايسموگلو ۽ جيمس رابنسن دنيا جي سياسي ۽ اقتصادي ادارن جي ارتقاء کي ڳوليندا آهن ۽ بحث ڪندا آهن ته قومن جي ڪاميابي يا ناڪامي جاگرافي يا ڪلچر جي ڪري نه آهي، پر انهن جي اندر استخراجي يا جامع ادارن جي اڀار جي ڪري آهي. هنن لکيو ته: "استخراجي سياسي ادارا طاقت کي هڪ تنگ اشرافيه جي هٿن ۾ مرڪوز ڪن ٿا ۽ ان طاقت جي استعمال ۾ ڪجهه رڪاوٽون وجهن ٿا. معاشي ادارا اڪثر ڪري هن اشرافيه طرفان ناهيا ويندا آهن باقي سماج مان وسيلا ڪڍڻ لاءِ. اهڙيءَ طرح استخراجي معاشي ادارا قدرتي طور استخراجي سياسي ادارن سان گڏ هوندا آهن. حقيقت ۾، انهن کي پنهنجي بقا لاءِ فطري طور سياسي ادارن تي دارومدار رکڻو پوندو آهي. سياسي ادارا سياسي اقتدار تي ڪنٽرول ڪندڙ اشرافيه کي ان قابل بڻائيندا آهن ته هو مخالف قوتن جي چند رڪاوٽن سان معاشي ادارن کي چونڊي سگهن. اهي اشرافيه کي مستقبل جي سياسي ادارن جي جوڙجڪ ۽ انهن جي ارتقاء کي پڻ فعال ڪن ٿا. انهن جي مقالي جي روشنيءَ ۾، اسان ڏسي سگهون ٿا ته ڪيئن طاقتور گروهه يا ادارا پاڪستان جي سياست تي ان جي سيڪيورٽي مسئلن، ان جي قومي جوڙجڪ ۾ مذهب جي جاءِ ۽ ان جي جاگيردارانه سماجي ڍانچي جو فائدو وٺي، ڪيتري عرصي کان حڪمراني ڪري رهيا آهن. سياسي نظام جيڪو هن جسم مان نڪرندو آهي اهو صرف طاقتور ۽ مراعات يافته ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ٺهيل آهي ۽ قانون جي حڪمراني کي فروغ ڏيڻ لاءِ عام رواجي معمولي ڪم ڪري ٿو. ميوزيڪل چيئرز پاڪستان تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ سويلين ۽ فوجي ڦرندا گهرندا رهن ٿا پر اهو نظام، يقيناً، ساڳيو ئي رهيو آهي. جمهوريت کان سواءِ، نه احتساب جو خوف هو ۽ نه ئي ٻيهر چونڊجڻ ۾ عوام جي ووٽ نه ملڻ جو خوف، نه اليڪشن ۾ ڪا رڪاوٽ. انهن کي ماڻهن جي ضرورت ٿي نه هئي. تنهنڪري هنن انهن لاءِ تمام گهٽ ڪم ڪيو ۽ انهن مان ڪنهن کي به عوام جي مڪمل غضب جو مقابلو نه ڪرڻو پيو. ٻئي ناڪامين جو الزام هڪ ٻئي تي مڙهيندا رهيا. جڏهن "جمهوريت" کي برقرار رکڻ جي قيمت عام ماڻهن جي اڳوائي ۾ ناقابل برداشت ٿي ويندي، جڏهن اسين سويلين جي ڪريسن ۽ خراب حڪمراني مان تنگ ٿيندا سين ته اسان فوج جي مداخلت کي به درست سمجهي برداشت ڪندا سين ته اسان کي انهن مان نجات ملندي پر هو بيرڪن ۾ واپس وڃڻ بدران حڪمراني ڪندا آهن. پوءِ اسان جمهوريت لاءِ آرزو ڪرڻ شروع ڪندا سين. جيڪا اسان کي وري مايوس ڪندي. حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت جي بدحالي جو ذميوار ڪو هڪ ادارو ناهي، انهن سڀني هڪ ٻئي کي اقتدار ۾ اچڻ جو موقعو فراهم ڪيو. واري واري سان حڪومت ڪئي ۽ ان نظام جي حمايت جاري رکي. سولين ايڊيشن ۾ جيڪو هاڻي حڪمران اتحاد تي مشتمل آهي. سياستدان سياسي پارٽين ۾ ورهايل ٿي سگهن ٿا پر اشرافيه جي طور تي متحد آهن ان کان پوءِ، جيڪا به پارٽي اقتدار ۾ ايندي جڏهن اقتدار لاءِ جاري خونريز جدوجهد ختم ٿي ويندي. ان جي نظام ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ ٻين کان مختلف نه هوندي. اهو سسٽم کي نقصان نه ڏيندي پر مڪمل طور تباهي جو خطرو پيدا نه ڪندي. لبرٽي اينڊ آرڊر يعني آزادي ۽ نظم جيڪڏهن پاڪستان ۾ مڪمل طور تي فعال مغربي لبرل جمهوريت هجي ها ته به اها ملڪ جي بنيادي چئلينجن کي حل نه ڪري سگهي ها. حقيقت اها آهي ته مغربي لبرل جمهوري ماڊل تمام گهڻو مقابلي باز بڻجي چڪو آهي. پنهنجي ڪتاب '21 هين صدي، لاءِ ذهين حڪمراني' ۾ نڪولس برگروئن ۽ ناٿن گارڊلس انهيءَ نظرئي کي چيلينج ڪن ٿا ته لبرل جمهوري ماڊل سٺي حڪمرانيءَ لاءِ ضروري آهي. هن کي وڏي پيماني تي مختلف سياسي ۽ ثقافتي حوالن سان جانچڻ. خاص طور تي چيني نظام، ليڪ نظم ۽ آزادي' جي ميلاپ جي حمايت ڪن ٿا. جڏهن چارلي روز شو ۾ هڪ پيرو پڇيو ويو ته هن مغربي جمهوريت بابت ڇا سوچيو، لي ڪوان يو _ سنگاپور جي پهرين وزيراعظم _ جواب ڏنو هو ته نظام ايترو ته مقابلي وارو ۽ جنگجو بڻجي ويو آهي جو اقتدار ۾ اچڻ لاءِ، اپوزيشن پنهنجو سڄو وقت گذاري ٿي. موجوده حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ جي منصوبابندي ڪندي مسئلن کي غلط بيان ڪري يا مسخ ڪري عوام کي گمراهه ڪيو. هن چيو ته "اهو افسوسناڪ ڏينهن هوندو جڏهن سنگاپور ۾ اهڙي قسم جي جمهوريت ايندي." فريد ذڪريا پنهنجي ڪلاسڪ دي فيوچر آف فريڊم ۾، ٻڌائي ٿو ته سنگاپور لبرل آئيني نظام جي پنهنجي برانڊ جي پيروي ڪري ٿو. جتي سياسي آزادين تي حدون آهن ۽ اهو دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خودمختياري رکندڙ ملڪن مان هڪ آهي. اها ڳالهه ڪنهن جي ذهن ۾ قائل آهي ته اسان پاڪستان ۾ سول_ملٽري جي سياسي ۽ گورننس ڍانچي کي برداشت ڪريون ٿا. جنهن ۾ اشرافيه جي حق ۾ ڏانڊلي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته جمهوري نظام جي مڪمل آزادي کي استعمال ڪندي عوام جي خرچ تي سياست جي راند کيڏي وڃي ٿي. اسان ان کي برداشت ڪريون ٿا ڇو ته اهو روپ هڪ "جمهوريت" ٿيڻ جي قابل قبول قيمت آهي. جيڪا اتفاق سان جمهوريت هجڻ جي برابر ناهي. درحقيقت، اهڙا ادارا آهن جيڪي ڪنهن کي جمهوري نظام ۾ ملن ٿا، پر انهن ۾ خودمختياري ۽ سالميت نه آهي. اهي عوام جي خدمت ڪرڻ جي اخلاقي طاقت ۾ ناڪام ٿيا آهن. پر نظام کي برقرار رکڻ جي صلاحيت ۾ ناڪام نه آهن. توهان ڏسندا ته ڪيئن لکين چڱا پاڪستاني سياستدانن جي اچڻ ۽ وڃڻ جي پٺيان هر روز ٽي وي يا سندن فون تي اکيون چمڪندا رهن ٿا. ڄڻ اهي ملڪ جا مسئلا حل ڪرڻ وارا هجن. اسان وساري ويٺا آهيون ته سندن ويڙهه پاڻ ۾، پنهنجي پنهنجي مفادن جي آهي. جمهوريت پسندي هڪ انقلابي جدوجهد آهي. توهان ان شئي کي تبديل نٿا ڪري سگهو جنهن بابت اوهين ڄاڻو نٿا. حقيقي جمهوريت جو قيام اصل ۾ انقلابي جدوجهد آهي ۽ ان جي شروعات ان احساس سان ٿيڻ گهرجي ته اسان وٽ جيڪا "جمهوريت" آهي، سا اسان جا مسئلا حل نه ڪندي، قطع نظر هن جي اقتدار ۾ ڪير به هجي. اسان ان "جمهوريت" جي طرفداري نٿا ڪري سگهون ۽ نه ئي وري اها پاڻ جمهوريت بڻجي ويندي. ملڪ ان کي تبديل نه ٿيندا آهن ته اهي جمهوري ٿي ويا آهن پر اهي جمهوري بڻجي ويا آهن ان کي جو اهي تبديل ٿي ويا آهن. ڪيترن ئي طريقن سان. جمهوريت هڪ دردناڪ جدوجهد آهي. جيڪا رياست ۽ قوم جي تعمير کان الڳ ناهي. ترقي پسند تحريڪون ۽ آمريڪا ۾ شهري حقن جي مهم، يورپ ۾ سياسي ۽ سماجي تحريڪون ۽ جاپان ۾ ميجي بحالي، جا چند تازا مثال آهن. پاڪستان ۾ اها تبديلي ڪيئن ايندي؟ اهو هڪ تمام وسيع ۽ پيچيده بحث جو موضوع آهي. مختصر طور تي، ڪو هيٺين ريت چئي سگهي ٿو: پاڪستان وٽ بيشمار قوتون آهن_ قابل ذڪر لچڪ، ايمان تي مبني اميد، استثنا، جو جذبو هڪ متحرڪ ميڊيا ۽ هڪ پرجوش سول سوسائٽي. ملڪ اندر بيحد قابليت موجود آهي _ تعليمي ماهر، صحافي، ليکڪ (جن مان گهڻا عالمي طور تي مڃيل)، سياسي ڪارڪن، رٽائرڊ سرڪاري ملازم _ سول ۽ فوجي _ جن سڀني پاڪستان لاءِ غير معمولي ڄاڻ ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو آهي. اهي نوجوان نسل کي متحرڪ ڪري سگهن ٿا جيڪي حقيقي تبديلي جا خواهشمند آهن جيڪي سماجي تحريڪن لاءِ حوصلاءِ نقاد بڻجي سگهن ٿا. مان فوجي حڪمراني يا ٽيڪنو ڪريٽ حڪومت جي حمايت نه ڪري رهيو آهيان. موجوده سياسي عمل کي ان جي سمورن خامين لاءِ جاري رکڻ ڏيو ان کي ختم نه ٿو ڪري سگهجي يا نه ڪرڻ گهرجي پر وقت سان گڏ گهٽجي سگهجي ٿو. اهو ٿي هوندو آهي سماجي تحريڪن جو مقصد _ پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت جي راهه ۾ رڪاوٽون هٽائڻ. انهن ۾ ايمان تي هڪ غلط ڌيان شامل آهي جنهن انتهاپسندي کي فروغ ڏنو آهي ۽ کليل ۽ رواداري کي روڪيو آهي. ۽ هڪ جاگيردارانه تسلط جنهن تعليم، صنفي برابري، جديد خيالن ڏانهن کليل ۽ هڪ معتبر سياسي عمل کي روڪيو آهي. فوج جي اڳڀرائي جو ذڪر نه ڪرڻ جنهن سبب ترقيءَ تي سيڪيورٽيءَ جو غلبو آهي. بعد ۾ قومي ترجيحن ۽ وسيلن جي ورهاست کي بگاڙي ڇڏيو آهي. اهو سڀ ڪجهه شايد ٿي جمهوريت لاءِ زندگي گذارڻ وارو ماحول بڻجي، ڇا پاڪستان واقعي جمهوري ملڪ بڻجي سگهي ٿو؟ ها، اهو ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن عوام اهو ڏسڻ چاهي ته ٿي سگهي ٿو (هي آرٽيڪل ڊان ۾ شايع ٿيو. جيڪو پنهنجي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو. ليکڪ، اڳوڻو سفير، جارج ٽائون يونيورسٽي ۾ ايڊجنڪٽ پروفيسر ۽ انسٽيٽيوٽ آف سائوٿ ايشين اسٽڊيز، نيشنل يونيورسٽي آف سنگاپور ۾ سينيئر ريسرچ فيلو آهي.)

صوفي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيار؛
بازي بازِندن کي، آهي اَويسار؛
پِريا سين پهڪار، رِنديءَ رَساڻي ڪيا.

ملڪ ۾ معاشي بدحالي جو مسئلو ۽ حڪمرانن جو رويو

ليکڪ خاصخيلي لطيف راولاڻي

ملڪ ۾ گذريل ڏهن سالن مسلسل مهانگائي معاشي بدحالي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري ملڪ جون سياسي توڙي سماجي سرگرميون به انهي معاشي بدحالي جي ور چڙهي ويون آهن خاص طور تي سماجي ادارن ۾ همدردي گهٽ پر ڏيکاءُ ۽ ميڊيا ۾ ٽالو ڪيرائڻ جو رجحان وڌي ويو آهي انهي سستي شهرت جي ڊوڙ ۾ هرڪو اڳڀرو ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندو آهي جنهن جي ڪري ڪافي جاني توڙي مالي نقصان به ٿيندو آهي ماضي ۾ به اهڙا ڪافي واقعا رونما ٿي چڪا آهن پر اسان جا ادارا ۽ ذميوار ماڻهو ان مان ڪو به سبق حاصل ڪونه ٿا ڪن ۽ نه ئي ان تي عمل ڪن ٿا معاشي بدحالي کي ختم ڪرڻ ان تي قابو پائڻ جو اهو غلط طريقو ڪافي سالن کان وٺي ڪيو پيو وڃي ته معاشي بدحالي ختم ڪرڻ لاءِ مستحق عوام کي دردر ڀٽڪايو وڃي انهن کي ڏکي لائين لڳائي انهن کي مشتعل بيوس بيڪار ڪري راشن ورهايو وڃي اهو غلط طريقو ڪافي سالن کان رائج آهي ان جا ڪافي نقصان به ٿيا آهن فيضان مدينه ۾ به ڪافي سال اڳي اهڙو دردناڪ واقعو پيش آيو هو جو راشن وٺڻ جي لاءِ ۾ لڳل لائين ۾ ڀاڄ پوڻ تي ڏه کان مٿي عورتون پنهنجي قيمتي زندگي وڃائي ويٺيون پر اڄ ڏينهن تائين ان مسئلي جو حل تلاش نه ڪيو ويو ته راشن پلي ورهائڻ جي مستحق کي ان جو جائز حق ڏنو وڃي پر ان جو طريقيڪار ڪهڙي ريت هجي اهو ڪٿين ورهايو وڃي ان مسئلي جو حل تلاش نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪلهه ٻيهر اهو واقعو پيش آيو آهي جيڪو مسلسل ٿيندو پيو اچي اهڙي ريت انڪم سپورٽ پروگرام جي پئسن جي ورهاست ۾ به ناانصافي



ٿي رهي آهي مستحق عورتن کي سندن پوري رقم ڪونه ٿي ملي ايجنٽ مافيا انهي ڪم ۾ رڌل آهن ته ڪنهن عورت کي ڪيتري رقم ڏجي انهي ڏس ۾ سڄي ملڪ مان خاص طور تي سنڌ مان گهڻيون شڪايتون موصول ٿيون ٿيون ته پوري رقم ڪونه ٿي ملي ايجنٽ مافيا پئسا ڪاٽيو وڃن معاشي بدحالي بيروزگاري ته پنهنجي جڳهه تي برقرار آهي مٿان وري سماجي مسئلا جيڪي روزمره جي زندگي سان واسطو رکن ٿا اهي شروع ٿي ويا آهن اڳ ۾ ته صرف ملڪ مان بجلي غائب ٿيندي هئي پر هاڻي گئس ۽ پاڻي به غائب ٿيو وڃي گئس جي لوڊ شيڊنگ جي ڪري زندگي جا آثار ختم ٿيندا پيا وڃن عوام به تنگ ٿي ڪري روڊن رستن تي نڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي جيڪو موجوده ملڪ جي حڪمرانن جي لاءِ سوچڻ جو مقام آهي ته ملڪ ڏيواليپڻي جو شڪار ٿي چڪو آهي ۽ اهي ملڪ هلائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪا آهن اهي مهانگائي ۽ معاشي بدحالي کي ٺهجوڙ ڏيڻ سگهيا اهڙيون ڪي پاليسيون مرتب نه ڪري سگهيا جو ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاري کي قابو ڪري سگهن عوام کي ذهني مفلوج ڪري لائين ۾ بيهاري پنايو ٿو وڃي جنهن ۾ حڪومت جي پنهنجن ماڻهن جا قائم ڪيل ادارا به شامل آهن.

جيڪي عوام کي روزگار ڏيڻ بدران پنڻ تي مجبور ڪن ٿا تازي خبر شايع ٿي آهي اسان جي ڪٽيل حصي جيڪو اڳ ۾ ملڪ جو حصو هو پاڙيسري ملڪ بنگلاديش جتي عوام کي روزگار ڏيارڻ لاءِ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ ايشيا جي وڏي کان وڏي گارمنٽ فيڪٽري جو افتتاح ڪيو ويو آهي عوام کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو پيو وڃي جتي اهي پنڻ کان بچي سگهن ۽ روزگار سان لڳي وڃن پر هتي اهڙي ڪابه پاليسي جوڙي ڪونه ٿي وڃي ته عوام کي پنڻ کان روڪي روزگار ڏنو وڃي ملڪ جو معاشي بحران ختم ڪرڻ لاءِ هتي به اهڙا سڌارا آندا وڃن جتي عوام سگهارو ٿي سگهي ۽ اهڙا دردناڪ واقعا نه ٿين جن سان قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ جو خطرو هجي اهڙيون ڪي پاليسيون جوڙيون وڃن ۽ راشن ورهائڻ جو اهو طريقو ختم ڪيو وڃي ملڪ کي معاشي بدحالي مان ڪڍيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ اهڙا واقعا روز بروز ٿيندا رهندا.

latifravlani@gmail.com

بقايا 01 ***

ڪئي، ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال، چونڊن جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ هيٺ ڪيس جي معاملي تي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پارٽي اڳواڻن کي رول آف لا ۽ آئين جي بالادستي لاءِ سمورين سياسي پارٽين ۽ سول سوسائٽي سان رابطن جو ٽاسڪ ڏنو ويو. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته موجوده صورتحال ۾ عدليه تي حملا ڪيا پيا وڃن، حملن کي روڪڻ لاءِ سموري قوم کي گڏ ڪرڻو آهي. هن پارٽي اڳواڻن کي هدايت ڪئي ته جيڪي سياسي پارٽيون آئين جي بالادستي لاءِ بيهڻ چاهين ٿيون انهن سڀني سان رابطو ڪيو وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ حليم عادل شيخ چيو ته اسان کي ذميواري ملي آهي، انشاءالله سياسي پارٽين سان رابطو ڪيو ويندو سنڌ جي سياسي، مذهبي ۽ قومپرست پارٽين ۽ سول سوسائٽي سان به رابطو ڪيو ويندو. آئين جي بالادستي ۽ رول آف لا لاءِ قوم کي گڏ ٿيڻو پوندو.

بقايا 02 ***

جو هيومن ڪيپيٽل انڊيڪس 0.48، بنگلاديش 0.46 ۽ نيپال 0.49 تي آهي. پاڪستان هيومن ڪيپيٽل ريويو موجب، "جيڪڏهن پاڪستان انساني سرمائي جي ترقي جي موجوده رفتار تي جاري رهي ته 2047 تائين ان جي مجموعي جي ڊي پي في ماڻهوءَ ۾ رڳو 18 سيڪڙو اضافو ٿيندو. انساني وسيلن جو پاڪستان جي دولت جو 61 سيڪڙو حصو آهي، ان جي باوجود ان جي انساني وسيلن جي سطح دنيا ۾ سڀ کان گهٽ آهي. هڪ اندازي مطابق 75 سيڪڙو پاڪستاني ٻار ڪورونا وائرس جي وبائي مرض ۽ 2022 جي ٻوڏ کان اڳ لکڻ پڙهڻ کان قاصر آهن رپورٽ ۾ تجويز ڏني وئي ته جيڪڏهن پاڪستان انساني وسيلن ۾ سيڙپڪاري کي وڌائڻ ۽ ٻين ملڪن جي برابر انساني سرمائيداري انڊيڪس کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ته اهو 32 سيڪڙو في ڪس تائين وڌي سگهي ٿو پر جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي انساني وسيلن ۽ ان جي استعمال ۾ بهتري آڻي، جيڪڏهن بهتر ڪيو ويو ته في ڪس جي ڊي پي 144 سيڪڙو وڌي سگهي ٿي، رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان پنهنجي عوام ۽ انساني وسيلن تي سيڙپڪاري ڪري شاندار معاشي ترقي حاصل ڪري سگهي ٿو پر حقيقت اها آهي ته پاڪستان جا انساني وسيلا گهٽ آهن ۽ گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ ان ۾ ٿورو بهتري آئي آهي. انساني وسيلن ۾ عدم مساوات امير ۽ غريب، مردن ۽ عورتن جي وچ ۾، ۽ ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن ۽ صوبن جي وچ ۾ وقت سان گڏ جاري يا وسيع ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ ٻارن جي واڌ ويجهه وچولي آمدني وارن ملڪن جي پيٽ ۾ گهٽ آهي. صوبي تي دارومدار، صرف 40_59 سيڪڙو نوجوان ٻار بهتر ترقيءَ جي رستي تي آهن. ان جي مقابلي ۾ همراهه ملڪن ۾ اوسط 75 سيڪڙو آهي. انڪل 40 سيڪڙو ٻار 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي ترقي ۾ رڪاوٽ جو شڪار آهن. 18 سيڪڙو ٻار 5 سالن کان گهٽ عمر وارا آهن. ۽ پنجن مان هڪ کان گهٽ ٻار پرائمري تعليم ۾ داخل ٿين ٿا. مناسب غذائيت جا بنيادي عنصر کاڌ خوراڪ، ماحولياتي صحت ۽ ٻارن ۽ عورتن جي سنڀال آهن. اهي ٽيئي شيون پاڪستان ۾ 2 سالن کان گهٽ عمر وارن تمام ٿورن ٻارن لاءِ مناسب مقدار ۾ موجود آهن. ڪورونوايرس پانڊيمڪ ٻنهي چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ انساني وسيلن تي ترقي جي تقريبن هڪ ڏهاڪي کي واپس ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان جي انساني سرمائيداري انڊيڪس 0.41 کان 0.37 تائين گهٽجڻ جو امڪان آهي، جيڪو ان جي 2012 جي شرح کان به گهٽ آهي. تجرباتي اپياس ڏيکاريا آهن ته ان جو بنيادي سبب تعليم جي شرح ۽ معيار ۾ گهٽتائي سبب ٻارن جو اسڪول ڇڏڻ آهي.

بقايا 03 ***

ٿيو. ان موقعي تي وزيراعظم کي سياسي سپريم ڪوٽ ۾ ڪيس جي بڌٽي حوالي سان بريفنگ پڻ ڏني وئي. وزيراعظم شهباز شريف کي پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن بابت ڪيس جي قانوني ۽ آئيني رخن کان آگاهه ڪيو ويو ان کان علاوه معاشي ۽ امن امان جي صورتحال تي پڻ بريفنگ ڏني وئي. اجلاس سان ڳالهيون ڪندي وزيراعظم چيو ته ملڪ ۾ معاشي ۽ امن امان جي صورتحال ان قابل ناهي جو ٽڪڙيون چونڊون ڪرايون وڃن. وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس به طلب ڪري ورتو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيندڙ پارلياماني پارٽي جو اجلاس سياڻي ٻنپهرن جو پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيندو. اجلاس ۾ قومي اسيمبلي اجلاس بابت حڪمت عملي تي مشاورت ٿيندي. وزيراعظم شهباز شريف ميمبرن کي سياسي حڪمت عملي تي پڻ بريفنگ ڏيندو.

بقايا 04 ***

به شخص جتي به هن فتني ۽ فساد جو سهولتڪار بڻيل آهي اهو قوم جو ڏوهاري آهي. عمران خان ملڪ جي عوام ۽ نوجوانن سان فراڊ ڪيو. هن نالائق پنهنجون حڪومتون پاڻ ڪيرايون. هن چيو ته جن سهولتڪارن جي دلاسن تي هن اسيمبليون ٽوڙيون اهي هاڻ پنهنجو پاڻ بچائڻ ۾ پورا آهن. عمران خان پنهنجن سهولتڪارن جي چوڻ تي آئين ٽوڙيو. اسان پيٽرول بم وسائيندڙ دهشتگردن کي ڪيفرڪردار تائين پهچائينداسين. اطلاعات واري وزير وڌيڪ چيو ته عمران خان پرڏيهي فنڊنگ، گهڙي چوري ۽ پنهنجي ڌيءَ کي نه مڃڻ سبب نااهل ٿيندو. عمران خان کي پرڏيهي ملڪن مان 200 ارب ڊالر آڻڻا هئا، هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ 50 لک گهر به ڏيڻا هئا پر هاڻ سندس ڏوکي ۽ فراڊ جو وقت ختم ٿي چڪو آهي.

بقايا 05 ***

تي مڪمل ڳالهين کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيڪا بئنچ اڳ 9 جي هئي، پوءِ 7، ٻيهر پنجن کان پوءِ چار ۽ هاڻ 3 جي رهجي وئي آهي. هن بئنچ جنهن فيصلي تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي اهو غير آئيني ۽ غيرقانوني آهي. راڻا ثناءالله چيو ته پي ڊي ايم ۾ شامل سمورين پارٽين فيصلو ڪيو آهي ته اسان 3 رڪني بينچ جي ڪارروائي جو حصو نه بڻجنداسين ۽ بائيڪاٽ ڪنداسين. وفاقي وزير ٻڌايو ته پيپلز پارٽي آڪٽوبر ۾ چونڊون ڪرائڻ تي متفق آهي. جيڪي اڳواڻ چونڊن جي التوا تي اعتراض ڪري رهيا آهن اهي اصل ۾ پنهنجي پارٽي قيادت سان رابطي ۾ نه آهن. ٻئي طرف برطانوي خبررساں اداري کي انٽرويو ڏيندي راڻا ثناءالله چيو ته ريفرنس جي معاملي تي ڳالهيون جاري آهن پر ان جو اڃان تائين ڪو فيصلو ناهي ٿيو پر اهو فيصلو سامهون اچي سگهي ٿو ڇو ته ٽنهي معزز ججز جو مسلم ليگ ن خلاف فيصلي ڏيڻ جو رڪارڊ موجود آهي. راڻا ثناءالله وڌيڪ چيو ته هن ٽنهي ججز هڪ فيصلو اهڙو به ڏنو جنهن کي صرف مسلم ليگ ن ئي غلط ناهي چيو پر قانون جي ڄاڻ رکندڙ هر ماڻهو چوي ٿو ته 63 اي جو فيصلو اصل ۾ آئين جي ٻيهر تعريف آهي.

بقايا 06 ***

مشهور اديب علام راشد الخيري جو پوٽو هو. سندس جنازي نماز اڄ ٻنپهرن جو 01:30 وڳي ظهر جي نماز کان پوءِ مبارڪ مسجد فيز 5 ڊي ايڇ اي ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي.

بقايا 07 ***

ڪرائڻ واري ڪيس ۾ فيصلو ڏئي چڪي آهي، هاڻي 3 رڪني بينچ رڳو عملدرآمد بينچ آهي. ان موقعي تي فواد چوڌري ڪارڪنن جي ضمانت ۾ دير ڪندڙ ججن جي مذمت ڪيان ٿو.

بقايا 08 ***

ريفرنس داخل ڪيو ويندو. اليڪشن ۾ دير لاءِ هر حربو استعمال ڪيو پيو وڃي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته آئين ۾ واضح آهي ته نوي ڏينهن ۾ چونڊون ٿينديون آهن. هڪ پاسي ڪاغذ جمع ڪرائي ٻئي پاسي چون ٿا ته اليڪشن نه ٿيڻ گهرجن. قانون سازي نمائندن جو ڪم آهي پر ڊسٽو آهي ٽائمنگ ڇا آهي، اهو ڊسٽو هوندو آهي ته قانون سازي ٿي سگهي يا آئيني ترميم آڻي آهي. هن چيو ته صدر نئين قانون سازي بابت آئيني ماهرن سان صلاح مشورو شروع ڪيو آهي. اسان جو خيال آهي ته آئيني ترميم ڪانسواءِ اهو عمل مڪمل نٿو ٿي سگهي. آزاد عدليا ڪانسواءِ خود مختيار جمهوريت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سندس چوڻ هو ته آئين سان گڏ بيٺل پارٽين کي هڪ پاسي بيهڻو پوندو. عمران خان فيصلو ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ آئين سان گڏ بيٺي آهي. شاهه محمود قريشي چيو ته اوهان 50 رپين جي اسٽامپ پيپر تي ڪوڙي رپورٽ تي ٻاهر هليا ويندا آهيو. لاڏلا اسين ٿياسين يا اوهان. جڏهن اسان جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ته اسان ڪنهن کي به نه ڌمڪايو، پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ اسان آئين سان هٿ چراند نه ڪئي. ججن ۽ آرمي چيف خلاف مهم هلائڻ وارن سان اسان جو ڪو واسطو ناهي، ٿي سگهي ٿو اهو نواز شريف جي ڪري رهيو هجي، هن چيو ته اسان ملڪ کي آرمي چيف جي حوالي نه ڪيو هو. وزيراعظم جو پنهنجو هڪ ڪردار ۽ مقام آهي جنهن کي تسليم ڪرڻ گهرجي. آئين ٻنهي وڏن وزيرن کي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اختيار ڏنو. ٿو پارٽ ۾ اهڙو نموني چونڊون ٿينديون آهن. اڳوڻي پرڏيهي وزير وڌيڪ چيو ته ظاهري طور لڳي ٿو ته ريفرنس داخل ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي، جنهن آئين تي پ پ فخر ڪندي آهي اڄ ان آئين تي راتاهو لڳي رهيو آهي، پيپلز پارٽي ٻن شين تي فخر ڪندي آهي هڪ آئين ٻيو ايٽمي اثاثن تي، پ پ ٻنهي تي خاموشي اختيار ڪئي آهي، اهوئي فرق آهي ڀٽو ۽ زرداري ۾.

بقايا 09 ***

جڏهن ته عدليه ريڊ لائن آهي. اڳوڻي گهرو وزير چيو ته 8 آڪٽوبر ته پري جي ڳالهه آهي هي 8 جون جو ڏينهن به نه ڏسندا. 90 ڏينهن ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جون نگران حڪومتون به ختم ٿي وينديون. ملڪ ۾ مسئلو 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جو آهي جيڪو 13 پارٽين جي ٽولي لاءِ سياسي موت ثابت ٿيندو. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته اسرائيل ۽ ڀارت سان واپار ۽ اثاثن تي دباءَ جو جواب ڏيڻو پوندو، عدليه يا روڊن تي عوام مان هڪ جو فيصلو مڃڻو پوندو.

بقايا 10 ***

ٿي چڪا آهن. پنهنجي هڪ بيان ۾ چوڌري پرويزالاهي چيو ته ايم ڪيو ايم کي پي ڊي ايم کان اتحاد جو سياسي طور تي تمام گهڻو نقصان ٿيو ايم ڪيو ايم ۾ اها سوچ موجود آهي ته پي ڊي ايم سان وڌيڪ هلڻ جو ڪوبه فائدو ناهي. هن وڌيڪ چيو ته بلوچستان حڪومت ۽ جي ڊي اي پي به آئين ۽ ملڪ دشمن پاليسين تي سخت خدشا آهن. عمران خان جلد سمورين پارٽين جو اجلاس گهرائي آئنده جو لائحه عمل بڻائيندو. هن چيو ته پي ڊي ايم جي غير آئيني مطالبن تي ٻڌل پڌرائي سپريم ڪورٽ جي معاملن ۾ کليل مداخلت آهي. حڪومتي پڌرائي ۾ سپريم ڪورٽ خلاف ڌمڪي ۽ توهين جوڳي زبان استعمال ڪئي وئي. چونڊون روڪرائڻ جي لاءِ حڪومت جو آخري طريقو به ناڪام ثابت ٿيندو.

بقايا 11 ***

قرت العين کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس اختيارين موجب زخمي اسسٽنٽ ڊاڪٽر قرات العين تي ڪيس ۾ به شڪ جو اظهار ڪيو ويو هو جڏهن ته هن جيڪو بيان قلمبند ڪرايو اهو به شڪي آهي. پوليس اختيارين موجب زخمي اسسٽنٽ جي موبائيل فون جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن پوليس قرت العين جي ڀاءُ کي به گرفتار ڪيو هو. قرت العين ڊاڪٽر بيربل تي قاتلاڻي حملي وقت سائس گڏ ڪار ۾ موجود هئي ۽ گولي لڳڻ سبب زخمي به ٿي هئي. ياد رهي ته ڊاڪٽر بيربل جي وارثن قرت العين ۽ سندس ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو هو ايف آءِ آر ۾ به قرت العين ۽ سندس ڀاءُ جي ڪردار کي شڪي قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 12 ***

۽ سنڌ جي صورتحال جو تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌائڻ، اٽي جي کوٽ ۽ غربت جي شرح ۾ اضافي، ڪراچي ۾ راشن وٺڻ دوران 11 ڄڻا چيپاٽجي فوت ٿيڻ واري سانحي تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو ڊجيٽل آدمشماري، ڊوميسائل، بي آر سي جي قانون ۾ تبديلي، بيٽ، ساحلي پٽي ۽ معدني وسيلا وفاق کي ڏيڻ سنڌ دشمن قرار ڏئي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو قومي عوامي تحريڪ 20 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ قومي ڪانفرنس، ڪراچي ۾ 5 نومبر تي بلوچ ڪالوني پل شاهراهه فيصل کان فوارا چوڪ تائين مارچ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي اياز لطيف پليجي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ خرابي جي شروعات لياقت علي خان جي دور کان ٿي، ڊڪٽيٽرن ۽ عدالتن غلط فيصلا ڪيا پر انهن کي ڪير به چوڻ لاءِ تيار ناهي. هن چيو ته دنيا جي اشاري تي پاڙيسرين سان جهيڙا نه ڪرڻ گهرجن، عالمي طاقتن جا پنهنجا مفاد آهن. بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن وانگر ڪنهن سان به جهيڙا نه هجن. اڪائونٽبلٽي ۽ شفافيت سان اڳتي وڌڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته سنڌ جا بيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن. انهن تي قبضو برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌ ڪرپشن ڪندڙ حڪمرانن جي ڪونهي سنڌ وڏيرن ڪرپٽ وزيرن جاگيردارن جي ڪونهي سنڌ بکين مسڪينن غريبن هارين مزدورن جي آهي. هن چيو ته آصف زرداري ايم ڪيو ايم سان ٻيهر اقتدار لاءِ معاهدو ڪري ڪوڙي آدمشماري ڪري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ ڪرائي رهيو آهي اجلاس ۾ ايڊووڪيٽ روشن ڪنرائي، مظهر راهوجو، زينت سمون، انور نوحاڻي، ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، ڊاڪٽر گلزار جماڻي، اشرف پليجو، شبير پٽي، ارصلا ٻهلڪاڻي، الطاف خاصخيلي، ٻنهل سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 13 ***

ي ڊي ايم اي موجب ژوب ڊي آءِ خان نيشنل هاءِ وي تي ڌانهسر ۽ مانيخواهه ۾ لينڊ سلائيڊنگ سبب ڪيترين ئي گاڏين تباهه ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. لينڊ سلائيڊنگ سبب مسافر بسون ۽ ننڍيون گاڏيون ڪيترن ئي ڪلوميٽرن جي علائقي ۾ ڦاٿل آهن. اسلام آباد، پشاور ۽ سوات کان ايندڙ گاڏين کي خيبرپختونخواهه جي حدن ۾ روڪيو ويو آهي، بلوچستان کان اسلام آباد ۽ خيبرپختونخواهه ڏانهن ويندڙ گاڏين کي به ژوب ۽ شيراڻي ۾ روڪيو ويو آهي. پي ڊي ايم اي جو چوڻ آهي ته ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيڻ تائين خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان وچ ۾ ٽريفڪ معطل آهي.

بقايا 14 ***

يا. پوليس اختيارين موجب، حادثو ڪراچي ۾ شاهين بخاري سگنل تي موڙ وٺڻ دوران پيش آيو سيڪيورٽي جي گاڏي پرائيويٽ گاڏي سان ٽڪرائجي وئي. اختيارين جو چوڻ آهي ته حادثي جي نتيجي ۾ 2 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي گاڏي مان ڪري پيا، زخمين ۾ ڪانسٽيبل وقاص ۽ نعيم شامل آهن. پوليس اختيارين موجب ٻنهي زخمين کي طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري به جناح اسپتال پهچي ٻن زخمي اهلڪارن جي عيادت ڪئي.

بقايا 15 ***

شڪر ڳڙهه ۾ خرم نواز گنڊاپور ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي ايم گروپ مفادن لاءِ گڏ ٿيو آهي، ان جو قانون ۽ انصاف سان ڪو به تعلق ناهي. هن چيو ته جڏهن ڪو آئين جي ڀڃڪڙي ڪندو ته آئين جي حق ۾ وينداسين. نگران حڪومت جو مدو 90 ڏينهن جو هوندو آهي جيڪو پالمراد ختم ٿي ويندو آهي. خرم نواز گنڊاپور وڌيڪ چيو ته حڪمران آڪٽوبر ۾ چيف جسٽس ۽ صدر جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. هن چيو ته 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ناگزير آهي، ان جي ڪا به گنجائش ناهي.

بقايا 16 ***

ڪامران ٽيسوري چيو ته اير ڊي سوئي گئس 1 هفتي اندر گئس فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو آهي. جيڪڏهن گيس جو مسئلو حل نه ٿو ٿي سگهي ته بل گهٽ ڪري صفر ڪيو وڃي. هن چيو ته اقتدار ۾ ايندڙ هر ماڻهو کي عوام ۾ وڃڻ گهرجي، مان روزو افطار ڪندس ۽ صوبي جي ٻين شهرن ۾ به افطار ڪندس، تنقيد ڪندڙ پنهنجو ڪم ڪندا رهن، مان پنهنجو ڪم ڪندو رهندس. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته منهنجو عزم آهي ته نوجوانن کي هاڪاري سرگرمين ڏانهن راغب ڪندس، عيد الفطر ڪانپوءِ 50 هزار نوجوانن کي مفت آءِ ٽي ڪورس ڪرايا ويندا. ڪامران ٽيسوري اهو به چيو آهي ته ون پلس ون فارمولي ذريعي ڪيترائي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا.

بقايا 17 ***

سان ملاقاتون ڪئي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ سراج الحق کي چيو ته اوهان 2014ع ۾ به بحران ختم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو. موجودا بحران ختم ڪرڻ به مدد ڪريو ۽ آئين ۽ قانون جو ساٿ ڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته سراج الحق جواب ڏنو ته پي ٽي آءِ پهريان گرين سگنل ڏئي، هو پوءِ ان معاملي تي ڳالهائيندو. ڪنهن اداري جي ٽياڪڙي کان بهتر آهي ته سياسي پارٽيون ويهي ڪري مسئلا حل ڪن. سراج الحق جي جواب تي پي ٽي آءِ اڳواڻن جو چوڻ هو ته عمران خان سان ڳالهه ڪري جواب ڏيندا.

بقايا 18 ***

19. سرڪاري ذريعن موجب چيني اختيارين پاڪستاني اختيارين کي واپار لاءِ پاس ٻيهر کولڻ جي حوالي سان خط موڪلي ڇڏيو آهي، چين جي اختيارين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پاڪستان پهچڻ کان اڳ ڪووڊ 19 جي حوالي سان سمورا ضروري قدم کنيا وڃن. پاڪستان کان ايندڙ سامان اهڙي طرح پاڪستاني بارڊر اختيارين کي به چيو ويو آهي ته هو ڪووڊ 19 جي حوالي سان سمورا اپاءَ وٺن. واضح رهي ته سرد موسم ۽ اوچائي تي آڪسيجن جي کوٽ سبب خنجراب لنگر عام طور ٻهرين اپريل کان کليل رهندو. 30 نومبر هر سال ۽ ٻهرين ڊسمبر کان 31 مارچ تائين بند ڪيو وڃي ٿو پاڪستان جي ارجنٽ ۽ ٻين سامان جي صاف ڪسٽم ڪليئرنس کي يقيني بڻائڻ لاءِ، هن سال جي شروعات ۾ پيرا عارضي طور تي ٻيهر کوليو ويو سخت سرد موسم، سخت برفباري ۽ آڪسيجن جي کوٽ سميت مشڪلاتن جي باوجود مقامي ڪسٽمز سامان جي آمد ۽ رفت کي يقيني بڻائڻ لاءِ 24 ڪلاڪ ڪم ڪيو پاس کوليو ويو جڏهن ته بندرگاهه 19 ۽ 20 جنوري جي وچ ۾ کليل رهيو. ڪاشغر اختيارين موجب ٻنهي عارضي افتتاح سرحد پار اهلڪارن پاران 128 دورو، 328 ٽرانسپورٽ گاڏين جي گذرڻ ۽ 6,000 ٽن کان وڌيڪ سامان جي برآمد جي سهولت فراهم ڪئي. بارڊر ڪراسنگ جي ٻيهر کولڻ سان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي سرگرمين کي هٿي ملندي.

بقايا 19 ***

منير پتافي جا 2 پٽ 19 سالن جو غلام رضا ۽ 16 سالن جو محرم علي سڙي فوت ٿيا سڙي فوت ٿيلن ۾ حسن رضا جون 3 نياڻيون 6 سالن جي پناٿي، 3 سالن جي ام فروا ۽ ٽيج پياڪ ٻارڙي شيرين به شامل آهن. سڙي فوت ٿيلن جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد سندن مڙهه اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيا ويا آهن جڏهن ته هڪ ئي ڪٽنب جي 5 ڀاتين جا مڙهه پهچڻ تي سموري علائقي ۾ سوڳ پکڙجي ويو آهي.

بقايا 20 ***

هن چيو ته شاهه محمود جهڙن احسان فراموش ماڻهن لاءِ اهو قول ڪافي آهي ته "جنهن تي احسان ڪيو، ان جي شر کان بچو".

بقايا 21 ***

سندس ڀاڄائي ملوث آهي جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس ذريعن موجب فرحت عباس شاهه بيواهه ڀاڄائي کي ذاتي گارڊ رکڻ کان منع ڪندو هو ياد رهي ته گذريل ڏينهن لاهور جي علائقي ملت پارڪ ويجهو موٽر سائيڪل سوار اڻڄاتل هٿيارٻندن فائرنگ ڪري اڳوڻي ايس پي فرحت عباس کي قتل ڪري ڇڏيو هو سي سي پي او لاهور واقعي جو نوٽيس وٺندي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري جو حڪم ڏنو هو.

بقايا 22 ***

جاچ ۾ چرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا آهن. پوليس اختيارين موجب گرفتار ٿيل فيڪٽري مالڪ عبدالخالق کان جاچ ۾ چرڪائيندڙ انڪشاف سامهون آيا آهن. فيڪٽري مالڪ جي بيان موجب زڪوات جا پئسا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مستحق ڪيترن ئي ڏينهن کان فيڪٽري جا چڪر لڳائي رهيا هئا، روزاني ڪيترين ئي عورتون صبح کان شام تائين پئسن ملڻ جي اميد ۾ فيڪٽري جي ٻاهران ويٺل رهنديون هيون. جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته فيڪٽري انتظاميه طرفان روز ايندڙ ۽ انتظار ڪندڙ عورتن کي خالي هٿين واپس اماڻيو پئي ويو. فيڪٽري عملو ۽ سپروائيزر مستحقين کي ٻئي ڏينهن اچڻ جو چوندا هئا جنهن تي هو مايوس ٿي واپس موٽي ويندا هئا. جاچ اختيارين دعويٰ ڪئي آهي ته فيڪٽري مالڪ زڪوات جي حوالي سان صرف اڍائي لک روپين جي رقم ورهائيندو هو. فيڪٽري مالڪ طرفان اڳ به رمضان جي مهيني ۾ زڪوات جي رقم ورهائي ويندي هئي. پوليس موجب فيڪٽري مالڪ عبدالخالق ٻهرين اپريل تي عمري جي ادائيگي لاءِ سعودي عرب روانو ٿيڻو هو ياد رهي ته گذريل ڏينهن جمعي تي ڪراچي جي علائقي سائيٽ ايريا ۾ ڊائنگ فيڪٽري طرفان زڪوات جي ورهاست دوران ڀاڄ سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا هئا. فوت ٿي ويلن ۾ 2 ٻار ۽ 9 عورتون پڻ شامل آهن.

بقايا 23 ***

۽ اسٽيج ذريعي ڊرامن جون ڪهاڻيون لکندڙ ۽ اداڪاري جا جوهر ڏيکاريندڙ ٻاڍهه واسي انور شاهه سولنگي گذريل هڪ هفتي کان سيوهڻ جي سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ بعد بي يارو مددگار بڻيل آهي ۽ فالج جهڙي مرض ۾ مبتلا آهيان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي انور شاهه ٻڌايو ته منهنجي جسم جو هيٺيون حصو گذريل ٻن مهينن کان ڪم ڪرڻ ڇڏي ويو آهي ۽ مان هلڻ ڦرڻ کان لاچار بڻجي ويو آهيان هن ثقافت کاتي جي وزير سيد سردار شاهه ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي ته خدارا منهنجي جيئري ئي منهنجي سار لهي سرڪاري خرچ تي علاج ڪرايو وڃي

بقايا 24 ***

کي ناڪام بڻائي ڇڏيو پوليس عملدارن موجب ڪارجي ٽڪر ۾ ٽي جوابدار زخمي ٿي پيا، جن کي شهرين تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو پوليس عملدارن ٻڌايو ته اسپتال ۾ منتقلي جي دوران هڪ ڦورو دم ڏئي ڇڏيو زخمي 2 جوابدارن جي شيرالله ۽ عبدالنصير کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي پوليس موجب جوابدارن جي قبضي ۾ هٿيار، موبائيل فونز ۽ موٽرسائيڪل برآمد ٿي آهي. وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي نارٿ ڪراچي جي انڊه موڙ جي ويجهو به ڦورو شهرين جي هٿ چڙهي ويو. شهرين ڏوهاري کي مارڪٽ بعد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. سپر هاءِ وي النور سوسائٽي جي ويجهو مبينا پوليس مقابلي بعد هڪ ڏوهاري زخمي ٿي پيو

بقايا 25 ***

لاءِ هڪ نئين رنڊڪ پيدا ٿي وئي آهي ۽ ڊالرن جي گهٽتائي مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته مذهبي معاملن واري وزارت ناڻي واري وزارت کان حج 2023ع لاءِ 33 ڪروڙ ڊالرن جي اضافي جي درخواست ڪئي آهي. مذهبي معاملن واري وزارت جي ذريعن موجب ان حوالي سان ناڻي واري وزارت کي درخواست ڏني وئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اسپانسر شپ اسڪيم تحت هڪ به ڊالر وصول نه ڪيو ويو آهي. مجموعي طور تي 123 ملين جي ضرورت پوندي جيڪڏهن اسپانسرز اسڪيم جا ڊالر توقع موجب نه اچن ته ناڻي واري وزارت وڌيڪ ڊالر فراهم ڪري سگهي ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اسپانسر شپ اسڪيم تحت گهربل ڊالر مليا ها ته ناڻي واري وزارت 90 ملين ڊالر ڏئي ها ۽ هاڻي مجموعي طور 123 ملين ڊالرن جي مد ۾ وڌيڪ 33 ملين ڊالر گهربل هوندا. ذريعن موجب مذهبي معاملن واري وزارت کي سرڪاري ريگيولر اسڪيم تحت 43 هزار 308 ڪوٽا جي مقابلي ۾ بئنڪن ۾ 72869 درخواستون مليون. بينڪن کان سمورا تفصيل وٺڻ بعد 4 اپريل تي حتمي درخواستن جو فيصلو ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپانسر شپ اسڪيم تحت بئنڪنگ گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ ڪوٽا سعودي حڪومت کي واپس ڪري سگهجي ٿي.

بقايا 26 ***

تشدد ۽ ڪيس مڙهڻ کي غيرقانوني قرار ڏنو آهي. رپورٽن موجب ڄامشورو پوليس سنڌ يونيورسٽي جي بوائز هاسٽلز تي چڙهائي ۽ گرفتارين کان پوءِ 75 شاگردن خلاف دهشتگردي ۽ بغاوت جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ايف آءِ آر ۾ 65 ڄڻا اڻڄاتل جوابدار جڏهن ته سڃاتل شاگردن ۾ مور شاهه، حسنين جوڻيجو، علي رضا بروهي، ثقلين سنڌي، جبار بوزدار، بهرام پنهور ۽ ٻيا شامل آهن. ايف آءِ آر ۾ چيو ويو ته هاسٽل مان نڪرندڙ شاگردن ملڪ خلاف نفرت پکيڙيندڙ نعري بازي ڪئي، مظاهرين ڊيوٽي اٽڪاءِ ڪندي پٿراءُ ڪيو پوليس دعويٰ ڪئي ته پٿراءَ ۾ 2 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا ۽ پوليس جي هڪ گاڏيءَ جا شيشا به ڀڃي پيا. ايف آءِ آر ۾ چيو ويو ته يونيورسٽي انتظاميا جي سيڪيورٽي ڏيڻ واري درخواست تي پوليس يونيورسٽي پهتي هئي ٻئي طرف ڪراچي بار ايسوسي ايشن سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردن جي گرفتاري ۽ تشدد کي غيرقانوني قرار ڏيندي واقعي جي مذمت ڪندي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اعلي آفيسرن کان واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي ڪراچي بار جي جنرل سيڪريٽري وقار عالم عباسي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته واقعي جي جاچ ڪري ڪارروائي ۾ ملوث آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، تعليمي ادارن اندر اهڙي قسم جون ڪارروايون قانون جي خلاف آهن هوڏانهن شاگردن جي گرفتارين ۽ مٿن ڪيس داخل ڪرڻ خلاف حيدرآباد ۾ جساف جي ڪارڪن فهيم نوهڙي ۽ راشد جسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو گولاڙچي ۾ محفوظ سنڌي، مختيار چانڊيو موسيٰ چانڊيو ۽ امداد سنڌي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو دوڙ ۾ رحيم سنڌي، سلمان وسان، راشد بروهي، ببلو مري ۽ قلفان مري جي اڳواڻي ۾ جسقم ڪارڪنن پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو لاڙڪاڻي ۾ سعيدالله چانڊيو عمر آرائين، فرمان ڪوسو عرفان ڦلپوٽو عرفان عزيز ۽ وڪيل جکراڻي جي اڳواڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي مک گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو غوث پور ۾ راحيل احمد باجڪاڻي، ديشي عبدالله ۽ رفيق باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ جسقم ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪيو ميرپورماٿيلو ۾ وحيد سنڌي، سلمان ساحر، ياسر ۽ ڪامريڊ مجيب جي اڳواڻي ۾ جساف آريسر جي ڪارڪن احتجاجي ريلي ڪڍي جڏهن ته گهوٽڪي، روهڙي، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ، ميروخان، رتوديرو، ڏوڪري، باڊهه، نصيرآباد، وارهه، ميهڙ ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا.

بقايا 27 ***

پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو ٿيو آهي جنهن ۾ هڪ ڏوهاري مارڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس موجب ڪورنگي سائيٽ ايريا ۾ ٻولهاڙي لنڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان پوليس جو مقابلو ٿيو آهي، مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڏوهاري مارجي ويو آهي. مارجي ويل ڏوهاري جي سڃاڻپ الله بچايو عرف ٻچو چوهاڻ طور ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ٻولهاڙي لنڪ تي ٽي ڏوهاري ڏوهه جي ارادي سان بيٺل هئا جن پوليس جي گاڏيءَ کي عام گاڏي سمجهي ڦرجي نيت سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ويجهو اچڻ تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻه ڄڻا فرار ٿي ويا. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته مارجي ويل وٽان هڪ پسٽل به هٿ ڪيو ويو آهي. لاش جو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم ڪرايو پيو وڃي. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار مٿان ڄامشوري ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي قتل سميت 8 ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا 28 ***

تي عمري لاءِ ويندو. پارٽي ذريعن موجب اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف سعودي عرب ۾ شاهي مهمان هوندو. شاهه سلمان جي دعوت نواز شريف ايندڙ هفتي سعودي عرب ويندو ذريعن جو چوڻ آهي ته نواز شريف ۽ سندس گهرڀاتي پارٽين اپريل تي خاص جهاز ۾ سعودي عرب ويندا، اڳوڻو وزيراعظم سعودي عرب ۾ شاهي مهمان هوندو.

بقايا 29 ***

دعويٰ ڪئي وئي آهي نوجوان جي والد سيلاب ڪمار جو چوڻ آهي ته ساحل ڪمار کي بازياب ڪرائي ايس ايس پي آفيس سکر آندو ويو آهي ساحل ڪمار جا وارث گلن جا هار ۽ مٺائي جا دٻا کڻي ايس ايس پي آفيس پهچي ويا. شاگرد جي بازيابي جي خبر بعد سندس گهر ۾ خوشي جي لهر پيدا ٿي وئي آهي

بقايا 30 ***

پاڪستان جي اسرائيلي پاليسي ۾ ڪائي تبديلي نه آئي آهي. ٻئي پاسي پرڏيهي تجارت واري وزارت به پاڪستان اسرائيل ۾ واپار شروع ٿيڻ وارين افواهن کي پروپيگنڊا قرار ڏيندي اهڙين خبرن کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته آمريڪن جيوش ڪانگريس جي پڌرائي کي غلط طريقي سان منسوب ڪيو ويو آهي، پريس رليز ۾ پاڪستان اسرائيل واپار جو ڪٿي به ذڪر ناهي ڪيو ويو ترجمان وڌيڪ چيو ته اسرائيل سان نه ته تجارتي لاڳاپا آهن نه ئي شروع ڪرڻ جو ارادو آهي.

بقايا سنڌيار 01

اسلامي طرفان گلزار هجري واري علائقي ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ سچل ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامني ۽ پوليس سرپرستي ۾ منشيات جي وڪري خلاف جماعت اسلامي جي يوسي 2 گلزار هجري جي چيرمين جمشيد علي ملڪ وائيس چيرمين سڪندر علي سرگاني بلوچ عمير ميمڻ اعزاز جي اڳواڻي ۾ گلزار هجري فاريا چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ جماعت اسلامي جي اڳواڻن چيو ته حڪمرانن جي نااهليءَ جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي رمضان شريف جي پلاڙي مهيني ۾ گئس جي لوڊ شيڊنگ ڪئي وڃي ٿي جنهن سبب سحري ۽ افطار ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي مگر گئس عملدار شڪايتن باوجود گئس جي لوڊ شيڊنگ جو آزار ختم نه ڪيو آهي هنن چيو ته واٽر بورڊ عملدارن جي نااهليءَ جي ڪري ملي پاڻي جي فراهمي جو به بحران پيدا ٿي ويو آهي هنن چيو ته هڪ طرف حڪمران عوام کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ سستي بازار لڳائڻ جي نالي تي بيوقوف بڻائي رهيا آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايس ايچ او سچل گوٺ راجا تنوير جي نااهليءَ جي ڪري بدامني عروج تي پهچي وئي هر روز ڦر چوري جون وارداتون ٿيڻ سبب عوام غير محفوظ بڻيل آهي ته ٻئي طرف پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو وڪرو سرعام جاري آهي جنهن سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهه ٿيندو پيو وڃي هنن لاڳاپيل اختيارن کان گهر ڪئي ته گئس جي لوڊشيڊنگ جو آزار ختم ڪري وڌندڙ بدامنيءَ جو نوٽيس ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 02

ڪامياب ٿي ويا آهن هوڏانهن مارجي ويل ڌوهارين جا لاش سول اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيا ويا آهن جڏهن ته مارجي ويل ڌوهارين خلاف ڪنيڙا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 03

اڪبر ناريجو، منصور احمد سيال ڊاڪٽر زيشان ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان سماجي اڳواڻ ڪاظم علي ميمڻ، سرفراز علي اعوان جو شڪرگذار آهيون جن خصوصي تعاون ڪيو ۽ ٿيليسيميا،هيموفيليا، ڊائلاسز ۽ ايمرجنسيءَ لاءِ ڊونر فراهم ڪيا اڳواڻن چيو ته هيءَ بلڊ بئنڪ لوڪل ماڻهن جي تعاون سان هلي ٿي ۽ رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو اڳواڻن چيو ته صحتمند انسان هر ٽن مهينن کان پوءِ رت جو عطيو ڏئي سگهي ٿو اڳواڻن چيو ته اسان جي خوش نصيبي آهي جو سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ قائم ٿيل هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ 24 ڪلاڪ غريب مريضن کي رت جي سهولت فراهم ڪري رهي آهي اڳواڻن توڙي ڊونرن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي محنتن کي ساراهيو جنهن جي ڀرپور تعاون سان هيءَ بلڊ بئنڪ ڪم ڪري رهي آهي ڪئمپ جي آخر ۾ ڊونرز کي يادگار سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 04

قاضي لطيف فيصل حيدر گڏاپ پريس ڪلب جي چيرمين مير علي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو نائب صدر جشرام پڙهيار جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار آدم سريلو گلشير باريجو نظير احمد سنديلو محمد علي گهوٽو موسا چنا انور پاڪستاني ڪرن جي سليم جي ميمڻ ۽ ٻين کي صحافتي خدمتن جي عيوض ايوارڊ ڏنا ويا تقريب ۾ مهمان خاص مارو! اسٽيٽ اينڊ بلڊر جي سي اي او جاويد عظيم رحماني چيرمين ظهير احمد ميمڻ آل پاڪستان ميڊيا ڪونسل ڪراچي چيرمين ميان نديم جنرل سيڪريٽري ڪراچي سلمان قادر عالمشير اعوان سيد محب الله شاهه رانا افضل تحريڪ انصاف ملير جي اڳواڻ بلاول جوکيو علي اڪبر جوکيو راشد گبول کهوکهرا يار خدمت ڪميٽي جي صدر وسيم مغل سينيئر صحافي زاهد رحيم صدر ملير علي انور لنڊ ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته خدمت ڪرڻ وارا شخص عظيم هوندا آهن مقدس مهيني ۾ الله تعالي خوشيون نصيب ڪري ان موقعي تي بزرگ شخصيت پير وقار رحماني ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا ڪئي آخر ۾ مهمانن کي افطار ڪرائي وئي

بقايا سنڌيار 05

ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا ڏيا بازار ۾ هڪ بيواهه عورت جي 25 ايڪڙ زمين جا جعلي ڪاغذ تيار ڪرائي فارم ست تي اين او سي جاري ڪري ڇڏيو فارم ست تي پوئين تاريخن ۾ ڪوڙيون انٽريون داخل ڪرائي ڇڏيون بيواهه عورت جي فرياد تي اينٽي ڪرپشن حرڪت ۾ اچي وي نيب کي به نوٽيس وٺڻ جي اپيل اسلم شر ۽ تپيدار ملي ڪري ڪيترن ٿي زمينن جا جعلي اين او سي جاري ڪري چڪا آهن ديهه ٺهڊو نودو جوکهيو گوٺ ۾ به چار ايڪڙ 30 سالا قيمتي زمين تي ناجائز قبضو ڪري چڪا آهن ڪروڙين جي زمين تي خورد برد دوستن ۽ رشتيدارن جي نالن تي ٽرانسفر ڪرائي ڇڏي.

بقايا سنڌيار 06

ڏيارهن لڳي پنجاهه منٽن تي ڊاڀيجي پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال ٿي، متاثر لائين جي اطلاع ملڻ تي واٽر بورڊ عملدارن ڊاڀيجي پمپنگ اسٽيشن تي فوري طور پهچي ڪري متاثر لائين جو معائنو ڪيو ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته متاثر لائين جي بحالي واري ڪم کي هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي ڪا به ڏکيائي نه ٿئي، ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ عملدارن پاران متاثر لائين جي بحالي وارو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪري ڇڏيو چيف انجنيئر واٽر بورڊ موجب متاثر لائين جي مرمت جو ڪم ايندڙ چوويهه ڪلاڪن ۾ مڪمل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي متبادل لائينن جي ذريعي جاري آهي.

بقايا سنڌيار 07

پتافي ۾ ٻهڄڻ تي فوتين جي گهر اندر ڪهرام مچي ويو جڏهن ته گوٺ ۾ هر اک آلي نظر هئي فوتين ۾ منير پتافي جا ٻه پٽ 19 ورهين جو غلام رضا، 16 ورهين جو محرم علي ۽ حسن رضا جون 3 نياڻيون 6 ورهين جي پنائي، 3 ورهين جي ام فرواه ۽ ابهر بارڙي شيرين سڙي فوت ٿي ويا هئا، جنهن ۾ پ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري، پ پ پ يوسي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي صدر اظهر نعمت الله ناريجو ،حليم ناريجو يوسي پير بخش ڀٽو جو صدر طالب جروار،شاهد جروار، پ پ پ نئون ديرو تعلقو رتوديرو جا عهديدار ۽ ورڪر ڳوٺاڻن مڻ ماڻن سميت اوڙي پاڙي جي ڳوٺن جي ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 08

فرار ٿيا چوري جي واقعي جي راڻيپور ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي سنڌ پريس ڪلب راڻيپور جي صحافين سان ڳالهائيندي متاثر دڪاندار منير احمد شيخ ٻڌايو ته چوڪيدار هوندي به اسان جي دڪان جا تالا ٽوڙي نامعلوم چورن 2 لک رپيا ڪيش چوري ڪري ويا آهن افسوس جو وچ شهر ۾ هوندي به اسان دڪاندار محفوظ ناهيون اگر ٽن ڏينهن تائين چوري واپس نه ٿي ته شٽر بند هڙتال ڪري راڻيپور ۾ بد امني خلاف احتجاج ڪنداسين اسان ايس ايس پي خيرپور ۽ ايس ايچ او راڻيپور کان مطالبو ٿا ڪيون اسان جي ٿيل چوري واپس ڪرائي ڏني وڃي ۽ چوري ۾ ملوث چور گرفتار ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 09

مردم شماري ڪيون ٿا پر اسان کي ان جو معاوضو نه ٿو ڏنو وڃي شروع ۾ صرف هڪ هزار روپيا ڏنا ويا هئا باقي ان کان پوءِ هن مهل تائين ڪو به معاوضو نه مليو آهي گورنمينٽ جي طرفان اسان کي 600 سئو رپيا هڪ ڏينهن جي حساب سان معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر اسان کي ڪم ڪندي پورو مهينو ٿي ويو آهي پر هن وقت تائين ڪو به معاوضو نه مليو آهي جيستائين تائين اسان کي اسان جو حق نه ملندو تيستائين اسان مردم شماري جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي ڪنداسين

بقايا سنڌيار 10

ڪئي آهي مونکي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ناري پريمي جوڙي جون ميڊيا آڏو تحفظ لاءِ داتهون خبرموجب بلوچستان جي علائقي وندر جي رهواسڻ هندو ناري پريمي ڏي ويسات پيل سامارو پرسان خانقاهه گلزارخليل پيرسرهندي ۾ مشهور مذهبي عالم پيرمحمد ايوب جان سرهندي وٽ مسلمان ٿي اسلام قبول ڪري ورتو آهي جنهن بعد سندس اسلامي نالو زينت رکيو ويو آهي مسلمان ٿيڻ بعد ناري زينت سنڌڙي واسي نوجوان محمد علي خاصخيلي سان پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي ناري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مون پنهنجي رضا خوشي گهران نڪري مرضي سان اسلام قبول ڪري محمد علي خاصخيلي سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن ناري پسند جو پرڻو ڪرڻ بعد تحفظ لاءِ فرسٽ ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ميرپورخاص ۾ درخواست پڻ داخل ڪئي آهي جوڙي زينت ۽ محمدعلي خاصخيلي ميڊيا آڏو تحفظ جو مطالبو ڪندي آءِ جي سنڌ ڊي آءِجي ميرپورخاص کان مخاطب ٿيندي چيو آهي اسان جي قتل جو منصوبو جوڙيو ويو آهي ۽ تحفظ فراهم ڪري جانيون بچايون وڃن.

بقايا سنڌيار 11

محمد حنيف نوناري ڊاڪٽر عرفان نوناري ،ايڊوڪيٽ راشد نوناري ،ڊاڪٽر رزاق نوناري جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مغوي نوجوانن جي بازيابيءَ لاءِ ٿيل احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي جي اڳواڻ محمد حسين محنتي ۽ مصطفي چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته حڪومت جي ذميواري آهي ته امن و امان قائم ڪري مگر حڪمرانن جي نااهليءَ جي ڪري انساني جانيون محفوظ ناهن افسوس سان سنڌ اندر حاملا عورتن کي به اغوا ڪيو پيو وڃي اهي به غير محفوظ آهن پوليس پاڻ ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪرڻ ۾ ملوث آهي چونڊيل نمائندن امن قائم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪو به مثبت ڪردار ادا نه ڪيو آهي سنڌ جي ڪشمور ڪنڌڪوٽ شڪارپور گهوٽڪي جيڪب آباد ضلعن اندر ڌاڙيلن جو راڄ قائم ٿيل آهي ڪو به ماڻهو محفوظ نه آهي حڪومت امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي ان کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان وٽ عورتن جي تمام وڏي عزت ۽ احترام هوندي آهي مگر افسوس سان حاملا عورت نازيه ڪوسو کي به اغوا ڪيو جيڪا انتهائي شرم جوڳو عمل آهي ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم هجي جتي عورتون به غير محفوظ بڻيل هجن هن وڌيڪ چيو ته مغوين کي جيڪڏهن جلد بازياب نه ڪرايو ويو ته سموري سنڌ اندر احتجاج جي تحريڪ هلائي ويندي هن چيو ته حڪومت سان گڏ ڌاڙيلن کان به مطالبو ڪريون ٿا ته اوهان جا به ٻچا هوندا مغوين کي جلد بازياب ڪرائي سندن جي وارثن جون کسيل مسڪراهٽون خوشيون واپس ڪيون وڃن ان موقعي تي ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 12

۽ ڪريسنٽ رليف سوسائٽي جي سهڪار سان نئي ۾ ٻوڏ ۽ برسات متاثرن ۾ رمضان راشن پيڪيج تحت راشن ورهايو ويو، ان موقعي تي دعا فائونڊيشن جي وائيس چيئرمين ممتاز عالم ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مهانگائي عوام کي سخت متاثر ڪيو آهي هن چيو ته غريبن جي پيٽ ۾ مڊل ڪلاس سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي، اهوئي سبب آهي ته اسان ڪريسنٽ رليف آسٽريليا جي سهڪار سان سڄي پاڪستان ۾ رمضان راشن پيڪيج تحت روزانو مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ راشن ورهائي رهيا آهيون. فائونڊيشن ڪنهن به قدرتي آفت ۾ ماڻهن جي مدد لاءِ تيار آهي.

بقايا سنڌيار 13

بيباڪ صوفي ۽ انسانيت جي علمبردار، عظيم صوفي بزرگ هفت زبان شاعر سخي عبدالوهاب فاروقي المعروف سچل سرمست رح جي ساليانو 202 هين عرس جو افتتاح 5 اپريل 14 رمضان تي سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مزار تي چادر چاڙهي ڪندو محفل سماع ۾ سرمست 42 ۽ سچل سوينئر 32 جي مهورت ۽ ايوارڊ ورهائڻ جي تقريب ٿيندي جنهن ۾ مهمان خاص وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه هوندا. شام جو 5 وڳي نمائش جو افتتاح وڏي وزير جو صلاحڪار براءِ زراعت منظور حسين وساڻ ۽ منور علي وساڻ ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ ڪندا. ملاکڙي ۾ خاص مهمان ايم پي اي نعيم احمد کرل، ايم پي اي ساجد علي ٻانهڻ، وڏي وزير جو صلاحڪار پير سيد بچل شاهه هوندا. رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس درازا شريف ۾ راڳ رهاڻ ۾ خاص مهمان پير سيد فضل علي شاهه (ميمبر قومي اسيمبلي)، سيد جاويد علي شاهه (ميمبر قومي اسيمبلي)، ڊاڪٽر سيده نفيسه شاهه جيلاني (ميمبر قومي اسيمبلي)، ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو (ميمبر قومي اسيمبلي)، صوبائي وزير اوقاف پير سيد احمد رضا شاهه المعروف سيد پيار علي شاهه، بئرسٽر شيراز شوڪت راجپر، غزاله سيال ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ شامل آهن. 06 اپريل خميس ڏينهن 15 رمضان رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس ۾ ادبي ڪانفرنس منعقد ٿيندي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ 4 اپريل اڱاري ڏينهن 13 رمضان تي رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس ۾ سگهڙ ڪانفرنس ٿيندي جنهن ۾ وڏي وزير جو خاص معاون حاجي نواب علي خان وساڻ خاص مهمان هوندا.

بقايا سنڌيار 14

مرڪنڊ، نياز ملاح، ثناءالله جکڙ،علي حيدر کهڙو،پرويز عباسي، آفتاب سروهي، ارباب تنيو، شير ڪوري، سرايي بخت سيال سميت سوين صحافين ۽ سول سوسائٽيءَ جي ماڻهن شرڪت ڪئي! جنازي نماز بعد هن امله ماڻهوءَ کي سوين آلين اکين سان صوفي بزرگ ۽ شاعر فقير نانڪ يوسف جي مزار واري صحن ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو! سنڌس آخري رسمن ۾ شريڪ سنڌ جي اديبن استاد خادم عباسيءَ جي وڇوڙي کي ادبي دنيا لاءِ وڏو خال قرار ڏنو! ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ ضلعي خيرپور جي رابطا سيڪريٽري اسلم ٻڌ استاد "خادم عباسيءَ" جي وڇوڙي تي ٽي ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪري ڇڏيو! ياد رهي ته سنڌ جي هن عظيم محقق ۽ سچل شناس شخصيت جي جنازي نماز ۽ آخري رسمن ۾ ثقافت کاتي جي ڪنهن به ڪاموري يا تڪ جي چونڊيل نمائندي شرڪت نه ڪئي!

بقايا سنڌيار 15

ڪيو ويو پوليس ذريعن ٻڌايو ته گرفتار ڌوهاري وٽان پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن گرفتار ڌوهاري ڏوهن جي مختلف وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هيو پوليس ٻڌايو ته ڇهه کان وڌيڪ ڌوهاري ڏوهه جي ارادي سان شهر پرسان مٽڻ انڊس هاءِ وي تي لنڪ روڊ تي بيٺل هيا ته پوليس سندن گهيرو ڪيو جنهن بعد مقابلو ٿيو ۽ ڌوهاري پنهنجي ئي ساٿين جي فائيرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي ڪري پيو جڏهن ته پنج جوابدار اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 16

طفيل ميمڻ اعجاز ابڙو کان وياج کنيو هو ڪاروبار ۾ نقصان ٿيڻ تي وياج هڪ ڪروڙ تي پهچي ويو آهي، هنن چيو ته طفيل ميمڻ کان اسان اڳ ئي لاتعلقي جو اظهار ڪري چڪا آهيون وياجين سندس طفيل خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪرايو هن وقت هو جيل ۾ آهي ان باوجود هنن الزام هڻندي چيو ته وياجي اعجاز ابڙو، منور ابڙو، تنوير ابڙو هٿيار بند سان ڪري گهر تي حملو ڪيو ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هنن چيو ته وياجين پاران ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏنيون آهن هنن وڌيڪ چيو ته وياجين جا جنهن ڏي پئسا هئا اهو هن وقت جيل ۾ آهي ان باوجود اسان کي حراسان ڪيون پيو وڃي، هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته با اثر وياجين خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

وڪري جي الزام هيٺ سي اين جي اسٽيشن کي سيل ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 18

قيمتون وڌائڻ، اٽي جي کوٽ ۽ غربت جي شرح ۾ اضافي، ڪراچي ۾ راشن وٺڻ دوران 15 ڄڻا چيڀائجي فوت ٿيڻ واري سانحي تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو ڊجيٽل آدمشماري، ڊوميسائل، پي آر سي جي قانون ۾ تبديلي، ٻيٽ، ساحلي پٽي ۽ معدني وسيلا وفاق کي ڏيڻ سنڌ دشمن قرار ڏئي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو قومي عوامي تحريڪ 20 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ قومي ڪانفرنس، ڪراچي ۾ 5 نومبر تي بلوچ ڪالوني پل شاهراهه فيصل کان فوارا چوڪ تائين مارچ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي اياز لطيف پليجي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ خرابي جي شروعات لياقت علي خان جي دور کان ٿي، جنهن اختيار مولوين جي حوالي ڪري ڇڏيا. ملڪ هن وقت سنگين بحرانن مان گذري رهيو آهي. سپريم ڪورٽ درجنين غلط فيصلا ڪيا. ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي عدالتي قتل آهي پر پ پ اقتدار ۾ اچڻ باوجود ڪا اپيل داخل نه ڪئي. بيگم نصرت ڀٽو، حاجي سيف الله، خواجه طارق ڪيس ۾ غلط فيصلا آيا. نواز شريف کي سزا غلط هئي. ڊڪٽيٽرن ۽ عدالتن غلط فيصلا ڪيا پر انهن کي ڪير به چوڻ لاءِ تيار ناهي. حالتون تبديل نه ٿيون ته وڏيون تباهيون اينديون. رياست جي معاملن ۾ انتهاپسندي ختم نه ٿيندي ته تباهي ايندي. دنيا جي اشاري تي پاڙيسرين سان جهيڙا نه ڪرڻ گهرجن. عالمي طاقتن جا پنهنجا مفاد آهن. بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن وانگر ڪنهن سان به جهيڙا نه هجن. اڪائونٽبلٽي ۽ شفافيت سان اڳتي وڌڻ گهرجي. مصنوعي ليڊر بنايا وڃن ٿا. جيئن هن وقت هٿرادو بنايل ليڊر ڳچي ۾ آهي. انتهاپسندي ۽ دهشتگردي اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليا ناهيا. انهن تي هٿ رکيو موجوده بحرانن جا نتيجا خطرناڪ نڪرندا. اياز لطيف پليجي چيو ته قومي عوامي تحريڪ 15 ڏينهن ۾ 40 کان وڌيڪ مارچون ڪيون. ائين ڪنهن به پارٽي ناهي ڪيو قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي وڏي طاقت ٿي ابري آهي. اسين اهڙي سنڌ ۽ اهڙو ملڪ چاهيون ٿا جنهن ۾ برابري هجي، ميرٽ هجي. 1940 جي قرارداد تحت حق هجن. اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار ۽ ڪرپشن لاءِ سنڌ جو هر سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سنڌ جا ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن. انهن تي قبضو برداشت نه ڪيو ويندو. وفاق پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي نه ڪري، سنڌ جو سمنڊ ايشيا جو گيٽ وي آهي. عالمي سامراجي طاقتون هن خطي تي قبضي لاءِ سنڌ ۽ پاڪستان کي ٽوڙڻ جي سازش ڪري رهيون آهن. سنڌ جو عوام پنهنجي سمنڊ ۽ ٻيٽن تي قبضي جي سازش برداشت نه ڪندو ۽ نئون اسرائيل بڻجڻ نه ڏينداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي حڪومت سمجهي ٿي ته سنڌ جو ڪو به ڌڻي سائين ڪونهي، سنڌي ماڻهو ڪڇندا ڪون. سنڌ ڪرپشن ڪندڙ حڪمرانن جي ڪونهي سنڌ وڏيرن ڪرپٽ وزيرن جاگيردارن جي ڪونهي سنڌ بکين مسڪينن غريبن هارين مزدورن جي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ اسان جي هزارين سالن جي سرزمين آهي. ڪراچي جا ساموندي ٻيٽ ته ڇا پر سنڌ جو هڪ به انچ وفاق جي حوالي ڪرڻ نه ڏينداسين. سنڌ جو عوام متحد ۽ منظم ٿي چڪو آهي. سنڌي پنهنجي ڌرتي کي بچائڻ لاءِ مزاحمت ڪندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ پ حڪومت آهي جيڪا مسلسل پندرهن سالن کان وٺي اقتدار ۾ رهندي پئي اچي. هنن جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سدائين سنڌ جي حق تي سوديبازي ڪئي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته زرداري مافيا ۽ پيپلزپارٽي غريب عوام کي غلام سمجهن ٿا. جمهوريت جا ڪوڙا نعرا هڻندڙ حڪمران اصل ۾ ڊڪٽيٽر، ظالم ۽ عوام دشمن پاليسيون رکندڙ آهن صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوريت جو ڪوڙو ڍونگ ڪن ٿا هنن جا هاٿي وانگر ڏند ڏيکارڻ وارا هڪڙا ۽ کائڻ وارا ٻيا آهن هنن عوام کان 2 وقت جي ماني ڦري ورتي ڪرپٽ حڪمرانن وٽ غريب عوام لاءِ ڪو احساس ناهي اقتدار هنن جو ڪاروبار آهي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري اربين روپيا ڪمائي عوام کي بدحال ڪن ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته آصف زرداري ايم ڪيو ايم سان ٻيهر اقتدار لاءِ معاهدو ڪري ڪوڙي آدمشماري ڪري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ ڪرائي رهيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري سنڌ آهي. سنڌ تي تمام وڏو حملو آهي. دهشتگردن کي ٻيهر طاقتور بڻائڻ واري ڊجيٽل آدمشماري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. پرامن جدوجهد ذريعي سنڌ دشمن سازش کي ناڪام بڻائينداسين. اجلاس ۾ ايڊووڪيٽ روشن ڪنراٽي، مظهر راهوجو، زينت سمون، انور نوحاڻي، ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، ڊاڪٽر گلزار جمالي، اشرف پليجو، شبير پٽي، ارصلا ٻهلڪاڻي، الطاف خاصخيلي، پنهل سولنگي،دانش پرمار، زين سومرو ،بچل احمداڻي، محمد رحيم مهر، عبدالڪريم بلوچ، شوڪت تنيو، ايڊووڪيٽ منور جتوئي، اشفاق چنڙ، ناهيد جوڳي، ڪاشف خاصخيلي، منان شيخ، فرحان لاڙڪ، زاهد گل اوٺو سميت سي سي ميمبرن ۽ ضلعن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

قادربخش اوٺو ۽ اشرف ميمڻ چيو ته هر سال سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن جي طرفان الست اسڪول جي شاگردن کي عيد جا ڪپڙا خرچي ڏني وڃي ٿي ڏني ويندي آن علاوه سياري جي سرد موسم ۾ ٻارن کي گرم سوئيٽر پڻ ڏنا ويندا آهن. هي ٻار اسان جي سنڌ ۽ پاڪستان جو شعور ۽ سرمايو آهن. پنهنجي ٻار کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو جيئن هو تعليم جي زيور کي پهري سنڌ لاءِ ترقي ۽ خوشحالي جي روشني پيدا ڪن ان موقعي تي ڳوٺاڻا وڏيرو نورمحمد ڪونجڙو، خدابخش ڪونجڙو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 20

ڪرڻ ۽ پٽي ڏني وڃي جڏهن اسان خط ڏيکارڻ جو چيو ته نائب خليفي در محمد ماري الهه ڏاد ماري کي ڌڪ هڻيا ۽ پوليس گهرائي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪرائي وئي،مک چوڪي شهدادپور جي خليفي غلام حيدر عرف دودو انڙ وٽ فيصلو هو جنهن ۾ مخالف ڌر نائب خليفي در محمد ماري اسان تي تشدد ڪيو خليفي غلام حيدر انڙ هٿ بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندي پنهنجي اوطاق تان ڪڍي ڇڏيو جڏهن اسان ميڊيا ۾ داتهيون ڏ خليفي غلام حيدر انڙ ميڊيا ۾ ترديد ڪندي چيو ته هن ڪو به تشدد ناهي ڪيو ڌريون فيصلا ڪاميٽي ۾ وڃن انهن جو فيصلو اتي يا چيف خليفي وٽ ٿيندو هڪ مهيني کان پوءِ چيو ويو ته درگاهه کان خط آيو آهي اوهان جو هٿ بند آهي ڪيترن ئي ورهين کان جماعت جو اصول رهيو آهي ته جنهن جو هٿ بند ڪيو ويندو آهي ته ان لاءِ درگاهه تان خط ايندو آهي جنهن جون ڪاپيون جماعت ۾ ورهايون وينديون آهن پر اسان کي اسرار جي باوجود هٿ بند هجڻ جو خط نه پيو ڏيکاريو وڃي نائب خليفي در محمد ماري ذهني ٽارچر ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن پيرپاڳاري کي اپيل ڪئي ته هو نوٽيس وٺي تحقيقات ڪرائي جيڪڏهن اسان ڏوهي ثابت ٿيون ته اسان کي سزا ڏني وڃي نه ته جماعت ۾ ڏڦيڙ وجهندڙن خلاف ڪاروائي ڪري ناحق ڪندڙن کي سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 21

شفيع محمد سولنگي ۽ ٻين سان گڏ خيرپور ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته منهنجو مڙس مرحوم استاد امان الله پنهيرو PST تعلقه نارا سروس دوران فوت ٿي ويو هوان جو فنانشل اسسٽنس ڪيس تعليم واري سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري فنانشل اسسٽنس جو آرڊر ڪڍي 2023_3_09 تي صحيح ڪري مون بيواهه جي حوالي ڪيو، سيڪريٽري چيو ته TEOميل پرائمري نارا کان صحيح ڪرائي خزاني آفيس خيرپور ۾ بل پاس ڪرايو، آءُ بيواهه پٽ سميت بل ۽ آرڊر کڻي TEOميل پرائمري نارا آفيس وياسين ته TEOميل پرائمري نارا محرم علي خاصخيلي چيو ته هيڏي وڏي رقم پندرهن لکن جو فنانشل اسسٽنس جو بل ۽ آرڊر آهي مونکي بل تي رشوت ڏيندؤ ته صحيح ڪندس جي اگر نه ڏيندئو ته مان بل صحيح ڪري نه ڏيندس جنهن کي چوٿو اٿو چئوءُ بيواهه ٻچڙن سميت TEOميل پرائمري نارا آفيس جا پوري مارچ مهيني ۾ چڪر ڪاٽي ڪاٽي بيٺي آهيان تنهن هوندي به ڪرپٽ آفيسر TEOميل پرائمري نارا مسٽر علي خاصخيليءَ بل صحيح نٿو ڪري جو مان خزاني آفيس خيرپور ۾ جمع ڪرائي سگهان ۽ ٻچڙن کي عيد ڪرائي سگهان. تنهن ڪري تعليم جي سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري کي اپيل ٿي ڪريان ته هن ڪرپٽ آفيسر TEOميل پرائمري نارا مسٽر محرم علي خاصخيليءَ کي فورن هٽائي سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي ۽ هڪ ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ۽ فوتي ملازمن جي وارثن کي تڪليف کان بچايو وڃي. جڏهن ته ضلعي جي صدر رٽائرڊ ايمپلائيز اينڊ پينشنرس فقير شفيع محمد سولنگي TEOميل پرائمري نارا محرم علي خاصخيليءَ خلاف سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ تعليم واري وزير، تعليم جي سيڪريٽري، ڊائريڪٽر سکر پرائمري ۽ DEOپرائمري خيرپور کي پاڻمرادو نوٽيس وٺي هن راشي آفيسر ۽ آدم خور آفيسر خلاف سخت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪو فوتي ملازمن جي بيواهن کي ۽ ٻچڙن کي پريشان ڪري رهيو آهي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 22

ڪاتي جي عملدارن جي آشيرواد سان ڪاٺ جو غيرقانوني وڪرو هلندڙ آهي ان سلسلي ۾ سڄاڻ ڌرين حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته ٻيلي ڪاتي جي زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ جي آرڊر کي ٻيلي ڪاتي جي ڪامورن ٽڏي ٻيلي ڪاتي جي زمين ملي ڀڳت ڪري هزارين روپيا في ايڪڙ عيوض ٻااثرن کي قبضي هيٺ ڏئي ڇڏي آهي جتان ٻيلي ڪاتي جا عمدار فصل لهڻ شرط ڪاتي جا عملدار ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا آهن ڪافي وقت کان تعلقي مان روزانو وڏي تعداد ۾ ڪاٺ جو غيرقانوني وڪرو ڪيو پيو وڃي پر ٻيلي ڪاتي جا عملدار ڪاروائي بدران خاموش بڻيل آهن هڪ طرف حڪومت وڻ پوکڻ لاءِ زور ڀري رهي آهي ته ٻئي پاسي سرڪاري ٻيلي ڪاتي جا عملدار جي ڳٺ جوڙ سان وڻن جي غيرقانوني واڍي ڪري غيرقانوني وڪرو ٿي رهيو آهي هنن سپريم ڪورٽ سميت ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٻيلي ڪاتي جي زمين تان قبضا ختم ڪرائي وڻن جي واڍي ۽ غيرقانوني وڪرو بند ڪرائي ملوث عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري ٻيلي کي بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

ڌمڪيون ٽي اي پي پي جي ضلعي رپورٽر امجد ملڪ اي سي محرابپور کان سوال ڪيو ته توهان بهترين ڪم ڪري رهيا آهيو پر هي پرائيويٽ ماڻهو جيڪي اسٽوريج ميڊيسن چيڪ ڪري رهيا آهن ۽ حراسان ڪري رهيا آهن هي ڪير آهن جنهن تي اي سي جوش ۾ اچي ويو ۽ گارڊ کان صحافي تي تشدد ڪرايو ۽ محرابپور پوليس جي سب انسپيڪٽر کي گهرائي صحافي کي لاڪپ ڪرايو ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون يونين آف جرنلسٽ ۽ محرابپور صحافي اتحاد جي صحافين پاران وڏي تعداد ۾ ڌرڻو ڏي سي نوشهروفيروز نوٽيس وٺي بروز سومر تي اي سي محرابپور ۽ صحافين کي گهرايو آهي جنهن ۾ انفارميشن ڊپٽي ڊائريڪٽر موسا گوندل ضلعي صدر يونين آف جرنلسٽ زاهد قائم خاني زاهد راجپر ۽ محرابپور جا صحافي شريڪ ٿيندا

بقايا سنڌيار 24

ايندڙ ڪرڻي واري نئين جي بند ٽٽڻ ڪري ديهه تلي جي ڳوٺ يارمحمد شينو ڳوٺ غلام محمد شينو . ڳوٺن ۾ ڪيل تباهي ڪري ڇڏي ٻئي طرف ڳوٺن طرف ويندڙ رستا به بند زمينن مان پاڻي به نيڪال نه ٿيو غريب آبادگارن جو هزارين ايڪڙن تي پوکيل مختلف قسم جو فصل سڙي رڪوونٽن ڪيلي جو فصل لهڻ تباهه ٿي ويو آهي پر ڪڻڪ جي فصل جي پوکي به نه ٿي سگهي علائقي ۾ بک ۽ بد حالي جو دور اچڻ وارو ميڊيا سان ڳوٺاڻن ويچار ونڊيندي چيو اسان ڪلي ڪڇهري ۽ اي سي ٺري ميرواهه خيرپور سميت ڪيترين درخواستون ڏنيون آهن هن محل تائين ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جا ووٽر آهيون افسوس سان ۽ ڏک سان آهيو چوٿون ٿو . پوي ته سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪو به نمائيندو لڙي نه آيو آهي. اسان جو ووٽن جو فصل تباهه ٿي، پاڻي سبب، ڪڻڪ جي پوکائي .نه ٿي ايندڙ ڪپهه جو فصل مشڪل ٿيندو خدارا اسان جي ڳوٺن تي نظر ڪئي وڃي ۽ پاڻي نيڪال ڪيو اسان پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ پ پ پ انتظاميان ڊي سي خيرپور ايس ڊيم ٺري ميرواهه ۽ ٻين وارن کي اپيل ڪندا سين ته اسان جي ڳوٺن جو سرڪاري خرچ تي پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو نه ته بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندا سين .نه بي صورت ۾ عدالت عاليه جو در ڪڙڪائيندا سين

بقايا سنڌيار 25

جن کي حيدرآباد تعليمي بورڊ مان مارڪون وٺي ڏيڻ عيوض اسڪول جي مالڪ سيد طاهر شاهه ڪلرڪ نويد عباسي سندن ايجنٽ نذير عباسي وارن مون کان 2 لک سٺ هزار رپيا ورتا آهن پر بورڊ جي رزلٽ بعد طع شده مارڪون نه مليون آهن هن چيو ته جڏهن هن ڪلرڪ نذير عباسي نويد عباسي وارن کان مارڪن عيوض ورتل رقم واپسي جي گهر ڪئي ته 60 هزار رقم واپس ڪرڻ بعد باقي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ الزام هنيو ته اسڪول جي انتظاميا هڪ نياڻي جي بورڊ جي رڪارڊ ۾ ڄم جي تاريخ جي غلطي درست ڪرائڻ عيوض 16 هزار الڳ ورتا آهن ٻر چار مهينا گذرڻ جي باوجود اها به درست نه ٿي ملي آهي هن چيو ته ٻه ڏينهن پهرين جڏهن اسڪول ۾ ويس ته ڪلرڪ نذير عباسي سندن ايجنٽ نويد عباسي سان پيسا واپس نه ڪرڻ تان تلخ ڪلامي ٿي پئي پر اسڪول انتظاميا ڊرامون رچائي منهنجي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري مون تي الزام مڙهيو آهي ته مون اسڪول ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪئي آهيو ۽ مون تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ته جيئن بورڊ مان نمبر وڌائڻ نالي ورتل پيسا هو ڦٻائي سگهن هن وڌيڪ چيو ته نذير عباسي جي اسڪول ۾ ڪا به ڊيوٽي نه آهي پر اسڪول مالڪ طاهر شاهه ڪيس بورڊ جي ايجنٽ جي طور اسڪول جي آفيس ۾ ويهاريو ويلو آهي هن چيو ته مون اسڪول انتظاميا سان ڪو به جهيڙو نه ڪيو آهي لڳايل الزامن ۾ ڪا به صداقت نه آهي هن تعليم ڪاتي جي وزير سردار شاهه سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولز کان مطالبو ڪيو ته نجي اسڪول جي انتظاميا خلاف جاچ شروع ڪئي وڃي ۽ والدين کان نمبرن جي عيوض فراڊ ڪري ورتل رقم واپس ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 26

ٻير متاثرن وٽ پهچي امداد ڏني خبرموجب ٽالپروڙا پرسان ڳوٺ خيرپور جي کوهي ۾ بجلي جي تارن مان ٻن پورهيتن نظيرحسين ۽ مدد علي ميرجت جي گهرن جي سڙي وڃڻ واري معاملي جو پ پ پ جي سينيئر صوبائي اڳواڻ ۽ صوبائي وزير منظورحسين وساڻ نوٽيس ورتو ۽ پ پ پ جي مقامي اڳواڻ حاجي غلام اصغر ٻير کي متاثرن وٽ موڪلي کين ڪپڙا راشن ۽ 50.50هزار نقد امداد ڏني ۽ کين هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي متاثرن مدد ڪرڻ تي سندن ٿورا مڃيندي کين مسيحا سڏيو

بقايا سنڌيار 27

ڇڏي پورهيت عارب احتجاج ڪندي داتهيو ته صبح سوير جيئن ڪئبن کولڻ لاءِ شهر پهتس ته ڪئبن وچ روڊ تي ٽٽل حالت ۾ پيل هئي ۽ اندر سوڪيش وغيره ٽٽي ويا جنهن سبب هزارين روپين جو نقصان ٿيو آهي جاچ ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي منهنجي ڪنهن سان دشمني ناهي نامعلوم ماڻهن ظلم ڪيو آهي ياد رهي ته شهر ۾ چوڪيدار توڙي پوليس گشت نه هئڻ ڪري شهر جي مک روڊ تي بيٺل ريڙها، پيل ڪيبنون غير محفوظ آهن ۽ ننڍيون ننڍيون چوريون پڻ معمول بڻيل آهن.

بقايا سنڌيار 28

جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي ديال سنگ جي سوڳوار خاندان سميت سک برادري سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون هن چيو ته اقليتي برادري ملڪ جي محب وطن ۽ پرامن برادري آهي هن واقعي سبب سک برادري ۾ خوف پکڙيل آهي هن قسم جا واقعا ملڪ جي پرامن ماحول خراب ڪرڻ جي سازش سمجهو ٿا جنهن کي ناڪام بڻايو ويندو هن چيو ته ديال سنگهه جي خون سان انصاف ڪري قاتلن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 29

خاندانن ۾ 30 لک کان مٿي راشن ورهايو ويو آهي، ان کان علاوه مختلف خاندانن کي خود ڪفيل بڻايو ويو آهي ۽ مختلف نياڻين کي سلائي مشينون وٺي ڏنيون آهن. ميرواهه اتحاد ٽرسٽ جي اڳواڻن ريحان ادريس، رضوان راجپوت، مفتي عمير، شاهذيب رستماڻي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي تحريڪ 100 رپين تي شروع ٿي هئي جيڪا هن وقت تائين 30 لک کان مٿي جو راشن وغيره ورهائي چڪي آهي، انهن چيو ته اسان سيڻي دوست ملي ڪري مهيني وار جيب خرچ جمع ڪري هڪ کان ٻن خاندانن جي مدد ڪندا هئاسين جيڪا هن وقت تائين 400 خاندانن جي مدد ڪري چڪا آهيون. انهن چيو ته اسان جي مدد اسان کي مليل رقم مطابق هوندي آهي ڪڏهن گهٽ نه ڪڏهن وڌيڪ هوندي آهي. انهن چيو ته هن وقت رمضان شريف ۾ اسان کاڌي پيتي جي خشڪ شين سميت فروٽ، جامر شيرين، کجور ۽ ٻين جو بندوبست ڪيو آهي جيڪو رات جي تاريخي ۾ ورهايو ويندو .انهن چيو ته عيد تي به عيد اسپيشل راشن ورهايو ويندو جنهن ۾ اسان تمام حيثيت ماڻهن کي اپيل ٿا ڪيون ته اهي اسان جي هن ڪم ۾ مدد ڪن ته جيئن اسان هن ڪم کي وڌائي غريب مستحق خاندانن تائين راشن وغيره پهچائي سگهون.

بقايا سنڌيار 30

خاندانن ۾ ٽوڪن وسيلي راشن جي ورهاست ڪئي وئي. ان موقعي تي مدرسي اندر هڪ پروقار تقرب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ميرواهه گورچاڻي ۽ پرپاسي وارن علائقن کان آيل سياسي، سماجي اڳواڻن سميت تاجرن، صحافين ،شهرين شرڪت ڪئي جن جي موجودگي ۾ نظم وضبط ۽ بهترين ترتيب سان راشن ورهايو ويو. ان موقعي تي مدرسي جي مهتمم مولانا مشتاق احمد نقشبندي جو چوڻ هو ته هر سال وانگر هن سال به اسان جي پير و مرشد مشهور و معروف مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ پير نور العارفين صديقي جي خصوصي تعاون سان 1500 مستحق خاندانن لاءِ راشن موڪليو ويو آهي جيڪو اڄ انهن 1500 خاندانن ۾ ورهايو ويو آهي، انهن چيو ته ان کان علاوه ميرواهه گورچاڻي جي پرپاسي وارن علائقن ۽ شهرن جن ۾ ڏهون ميل موري، ڏگهڙي سميت ٻين علائقن ۾ راشن پڻ ورهايو ويو آهي، پروگرام ۾ انجنيئر احسان الحق آرائين، چوڌري منير آرائين ،راڻا سليم راجپوت ،پير ضميرالحق ،عرفان ظفرياب ،حاجي علي احمد گورچاڻي، چوڌري زيشان اشرف، راڻا نعمت راجپوت، شجاع آباد پريس ڪلب جي صدر ملڪ مشتاق احمد، ارشد علي رستماڻي ،ميرواهه گورچاڻي پريس ڪلب جي اسد علي سمون، ايڊووڪيٽ ظهير احمد شر ،مولانا نذير مگريو ،مولانا اشتياق احمد مشتاق سميت ٻيا شريڪ هئا.

بقايا سنڌيار 31

ٿيل آهي شادي کي تقريبن 8 سال ٿي چڪا آهن منهنجو مڙس ٻئي شادي ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي جنهن تي آءُ اجازت نه ڏني ان مونسان جهيڙو ڪري گهر کان ڪڍي ڇڏيو هاڻ هو ٻئي شادي ڪري آيو آهي جنهن تي آءُ ڪورٽ سگهوري ۾ داتهي ٿيس ته مونکي پنهنجو حق وٺي ڏيو.. ڪورٽ جي حاضري کان واپس ويندي ننڍي ٺري ملڪ چودگي روڊ وٽ مقصود ۽ ڪجهه نامعلوم ماڻهن موٽر سائيڪل سوار اسان جو اڳ ڏنو ۽ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مار ڪٽ به ڪئي داتهون ڪرڻ تي ماڻهو گڏ ٿي ويا جنهن بعد هي فرار ٿي ويا مونکي زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر ميرواهه آندو ويو منهنجي پيٽ ۾ 3 مهينن جو ٻار به ضايع ٿي ويو آهي واقعي جي اهڙي رپورٽ ميرواهه ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي مگر پوليس هن مهل تائين ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي آءُ عدالت سگهوري ، آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي خيرپور کي پرزور اپيل ٿي ڪريان مونسان انصاف ڪري مونکي حق ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 32

قيمتون وڌائڻ، اٽي جي کوٽ ۽ غربت جي شرح ۾ اضافي، ڪراچي ۾ راشن وٺڻ دوران 15 ڄڻا چيڀائجي فوت ٿيڻ واري سانحي تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو ڊجيٽل آدمشماري، ڊوميسائل، پي آر سي جي قانون ۾ تبديلي، ٻيٽ، ساحلي پٽي ۽ معدني وسيلا وفاق کي ڏيڻ سنڌ دشمن قرار ڏئي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو قومي عوامي تحريڪ 20 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ قومي ڪانفرنس، ڪراچي ۾ 5 نومبر تي بلوچ ڪالوني پل شاهراهه فيصل کان فوارا چوڪ تائين مارچ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي اياز لطيف پليجي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ خرابي جي شروعات لياقت علي خان جي دور کان ٿي، جنهن اختيار مولوين جي حوالي ڪري ڇڏيا. ملڪ هن وقت سنگين بحرانن مان گذري رهيو آهي. سپريم ڪورٽ درجنين غلط فيصلا ڪيا. ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي عدالتي قتل آهي پر پ پ اقتدار ۾ اچڻ باوجود ڪا اپيل داخل نه ڪئي. بيگم نصرت ڀٽو، حاجي سيف الله، خواجه طارق ڪيس ۾ غلط فيصلا آيا. نواز شريف کي سزا غلط هئي. ڊڪٽيٽرن ۽ عدالتن غلط فيصلا ڪيا پر انهن کي ڪير به چوڻ لاءِ تيار ناهي. حالتون تبديل نه ٿيون ته وڏيون تباهيون اينديون. رياست جي معاملن ۾ انتهاپسندي ختم نه ٿيندي ته تباهي ايندي. دنيا جي اشاري تي پاڙيسرين سان جهيڙا نه ڪرڻ گهرجن. عالمي طاقتن جا پنهنجا مفاد آهن. بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن وانگر ڪنهن سان به جهيڙا نه هجن. اڪائونٽبلٽي ۽ شفافيت سان اڳتي وڌڻ گهرجي. مصنوعي ليڊر بنايا وڃن ٿا. جيئن هن وقت هٿرادو بنايل ليڊر ڳچي ۾ آهي. انتهاپسندي ۽ دهشتگردي اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليا ناهيا. انهن تي هٿ رکيو موجوده بحرانن جا نتيجا خطرناڪ نڪرندا. اياز لطيف پليجي چيو ته قومي عوامي تحريڪ 15 ڏينهن ۾ 40 کان وڌيڪ مارچون ڪيون. ائين ڪنهن به پارٽي ناهي ڪيو قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي وڏي طاقت ٿي ابري آهي. اسين اهڙي سنڌ ۽ اهڙو ملڪ چاهيون ٿا جنهن ۾ برابري هجي، ميرٽ هجي. 1940 جي قرارداد تحت حق هجن. اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار ۽ ڪرپشن لاءِ سنڌ جو هر سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سنڌ جا ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن. انهن تي قبضو برداشت نه ڪيو ويندو. وفاق پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي نه ڪري، سنڌ جو سمنڊ ايشيا جو گيٽ وي آهي. عالمي سامراجي طاقتون هن خطي تي قبضي لاءِ سنڌ ۽ پاڪستان کي ٽوڙڻ جي سازش ڪري رهيون آهن. سنڌ جو عوام پنهنجي سمنڊ ۽ ٻيٽن تي قبضي جي سازش برداشت نه ڪندو ۽ نئون اسرائيل بڻجڻ نه ڏينداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي حڪومت سمجهي ٿي ته سنڌ جو ڪو به ڌڻي سائين ڪونهي، سنڌي ماڻهو ڪڇندا ڪون. سنڌ ڪرپشن ڪندڙ حڪمرانن جي ڪونهي سنڌ وڏيرن ڪرپٽ وزيرن جاگيردارن جي ڪونهي سنڌ بکين مسڪينن غريبن هارين مزدورن جي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ اسان جي هزارين سالن جي سرزمين آهي. ڪراچي جا ساموندي ٻيٽ ته ڇا پر سنڌ جو هڪ به انچ وفاق جي حوالي ڪرڻ نه ڏينداسين. سنڌ جو عوام متحد ۽ منظم ٿي چڪو آهي. سنڌي پنهنجي ڌرتي کي بچائڻ لاءِ مزاحمت ڪندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ پ حڪومت آهي جيڪا مسلسل پندرهن سالن کان وٺي اقتدار ۾ رهندي پئي اچي. هنن جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سدائين سنڌ جي حق تي سوديبازي ڪئي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته زرداري مافيا ۽ پيپلزپارٽي غريب عوام کي غلام سمجهن ٿا. جمهوريت جا ڪوڙا نعرا هڻندڙ حڪمران اصل ۾ ڊڪٽيٽر، ظالم ۽ عوام دشمن پاليسيون رکندڙ آهن صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوريت جو ڪوڙو ڍونگ ڪن ٿا هنن جا هاٿي وانگر ڏند ڏيکارڻ وارا هڪڙا ۽ کائڻ وارا ٻيا آهن هنن عوام کان 2 وقت جي ماني ڦري ورتي ڪرپٽ حڪمرانن وٽ غريب عوام لاءِ ڪو احساس ناهي اقتدار هنن جو ڪاروبار آهي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري اربين روپيا ڪمائي عوام کي بدحال ڪن ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته آصف زرداري ايم ڪيو ايم سان ٻيهر اقتدار لاءِ معاهدو ڪري ڪوڙي آدمشماري ڪري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ ڪرائي رهيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري سنڌ آهي. سنڌ تي تمام وڏو حملو آهي. دهشتگردن کي ٻيهر طاقتور بڻائڻ واري ڊجيٽل آدمشماري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. پرامن جدوجهد ذريعي سنڌ دشمن سازش کي ناڪام بڻائينداسين. اجلاس ۾ ايڊووڪيٽ روشن ڪنراٽي، مظهر راهوجو، زينت سمون، انور نوحاڻي، ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، ڊاڪٽر گلزار جمالي، اشرف پليجو، شبير پٽي، ارصلا ٻهلڪاڻي، الطاف خاصخيلي، پنهل سولنگي،دانش پرمار، زين سومرو ،بچل احمداڻي، محمد رحيم مهر، عبدالڪريم بلوچ، شوڪت تنيو، ايڊووڪيٽ منور جتوئي، اشفاق چنڙ، ناهيد جوڳي، ڪاشف خاصخيلي، منان شيخ، فرحان لاڙڪ، زاهد گل اوٺو سميت سي سي ميمبرن ۽ ضلعن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 33

شفيع محمد سولنگي ۽ ٻين سان گڏ خيرپور ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته منهنجو مڙس مرحوم استاد امان الله پنهيرو PST تعلقه نارا سروس دوران فوت ٿي ويو هوان جو فنانشل اسسٽنس ڪيس تعليم واري سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري فنانشل اسسٽنس جو آرڊر ڪڍي 2023_3_09 تي صحيح ڪري مون بيواهه جي حوالي ڪيو، سيڪريٽري چيو ته TEOميل پرائمري نارا کان صحيح ڪرائي خزاني آفيس خيرپور ۾ بل پاس ڪرايو، آءُ بيواهه پٽ سميت بل ۽ آرڊر کڻي TEOميل پرائمري نارا آفيس وياسين ته TEOميل پرائمري نارا محرم علي خاصخيلي چيو ته هيڏي وڏي رقم پندرهن لکن جو فنانشل اسسٽنس جو بل ۽ آرڊر آهي مونکي بل تي رشوت ڏيندؤ ته صحيح ڪندس جي اگر نه ڏيندئو ته مان بل صحيح ڪري نه ڏيندس جنهن کي چوٿو اٿو چئوءُ بيواهه ٻچڙن سميت TEOميل پرائمري نارا آفيس جا پوري مارچ مهيني ۾ چڪر ڪاٽي ڪاٽي بيٺي آهيان تنهن هوندي به ڪرپٽ آفيسر TEOميل پرائمري نارا مسٽر علي خاصخيليءَ بل صحيح نٿو ڪري جو مان خزاني آفيس خيرپور ۾ جمع ڪرائي سگهان ۽ ٻچڙن کي عيد ڪرائي سگهان. تنهن ڪري تعليم جي سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري کي اپيل ٿي ڪريان ته هن ڪرپٽ آفيسر TEOميل پرائمري نارا مسٽر محرم علي خاصخيليءَ کي فورن هٽائي سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي ۽ هڪ ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ۽ فوتي ملازمن جي وارثن کي تڪليف کان بچايو وڃي. جڏهن ته ضلعي جي صدر رٽائرڊ ايمپلائيز اينڊ پينشنرس فقير شفيع محمد سولنگي TEOميل پرائمري نارا محرم علي خاصخيليءَ خلاف سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ تعليم واري وزير، تعليم جي سيڪريٽري، ڊائريڪٽر سکر پرائمري ۽ DEOپرائمري خيرپور کي پاڻمرادو نوٽيس وٺي هن راشي آفيسر ۽ آدم خور آفيسر خلاف سخت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪو فوتي ملازمن جي بيواهن کي ۽ ٻچڙن کي پريشان ڪري رهيو آهي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 34

قاضي لطيف فيصل حيدر گڏاپ پريس ڪلب جي چيرمين مير علي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو نائب صدر جشرام پڙهيار جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار آدم سريلو گلشير باريجو نظير احمد سنديلو محمد علي گهوٽو موسا چنا انور پاڪستاني ڪرن جي سليم جي ميمڻ ۽ ٻين کي صحافتي خدمتن جي عيوض ايوارڊ ڏنا ويا تقريب ۾ مهمان خاص مارو! اسٽيٽ اينڊ بلڊر جي سي اي او جاويد عظيم رحماني چيرمين ظهير احمد ميمڻ آل پاڪستان ميڊيا ڪونسل ڪراچي چيرمين ميان نديم جنرل سيڪريٽري ڪراچي سلمان قادر عالمشير اعوان سيد محب الله شاهه رانا افضل تحريڪ انصاف ملير جي اڳواڻ بلاول جوکيو علي اڪبر جوکيو راشد گبول کهوکهرا يار خدمت ڪميٽي جي صدر وسيم مغل سينيئر صحافي زاهد رحيم صدر ملير علي انور لنڊ ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته خدمت ڪرڻ وارا شخص عظيم هوندا آهن مقدس مهيني ۾ الله تعالي خوشيون نصيب ڪري ان موقعي تي بزرگ شخصيت پير وقار رحماني ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا ڪئي آخر ۾ مهمانن کي افطار ڪرائي وئي

بقايا سنڌيار 35

بيباڪ صوفي ۽ انسانيت جي علمبردار، عظيم صوفي بزرگ هفت زبان شاعر سخي عبدالوهاب فاروقي المعروف سچل سرمست رح جي ساليانو 202 هين عرس جو افتتاح 5 اپريل 14 رمضان تي سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مزار تي چادر چاڙهي ڪندو محفل سماع ۾ سرمست 42 ۽ سچل سوينئر 32 جي مهورت ۽ ايوارڊ ورهائڻ جي تقريب ٿيندي جنهن ۾ مهمان خاص وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه هوندا. شام جو 5 وڳي نمائش جو افتتاح وڏي وزير جو صلاحڪار براءِ زراعت منظور حسين وساڻ ۽ منور علي وساڻ ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ ڪندا. ملاکڙي ۾ خاص مهمان ايم پي اي نعيم احمد کرل، ايم پي اي ساجد علي ٻانهڻ، وڏي وزير جو صلاحڪار پير سيد بچل شاهه هوندا. رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس درازا شريف ۾ راڳ رهاڻ ۾ خاص مهمان پير سيد فضل علي شاهه (ميمبر قومي اسيمبلي)، سيد جاويد علي شاهه (ميمبر قومي اسيمبلي)، ڊاڪٽر سيده نفيسه شاهه جيلاني (ميمبر قومي اسيمبلي)، ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو (ميمبر قومي اسيمبلي)، صوبائي وزير اوقاف پير سيد احمد رضا شاهه المعروف سيد پيار علي شاهه، بئرسٽر شيراز شوڪت راجپر، غزاله سيال ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ شامل آهن. 06 اپريل خميس ڏينهن 15 رمضان رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس ۾ ادبي ڪانفرنس منعقد ٿيندي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ 4 اپريل اڱاري ڏينهن 13 رمضان تي رات جو 8 وڳي سچل ڪامپليڪس ۾ سگهڙ ڪانفرنس ٿيندي جنهن ۾ وڏي وزير جو خاص معاون حاجي نواب علي خان وساڻ خاص مهمان هوندا.

بقايا سنڌيار 36

اسلامي طرفان گلزار هجري واري علائقي ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ سچل ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامني ۽ پوليس سرپرستي ۾ منشيات جي وڪري خلاف جماعت اسلامي جي يوسي 2 گلزار هجري جي چيرمين جمشيد علي ملڪ وائيس چيرمين سڪندر علي سرگاني بلوچ عمير ميمڻ اعزاز جي اڳواڻي ۾ گلزار هجري فاريا چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ جماعت اسلامي جي اڳواڻن چيو ته حڪمرانن جي نااهليءَ جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي رمضان شريف جي پلاڙي مهيني ۾ گئس جي لوڊ شيڊنگ ڪئي وڃي ٿي جنهن سبب سحري ۽ افطار ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي مگر گئس عملدار شڪايتن باوجود گئس جي لوڊ شيڊنگ جو آزار ختم نه ڪيو آهي هنن چيو ته واٽر بورڊ عملدارن جي نااهليءَ جي ڪري ملي پاڻي جي فراهمي جو به بحران پيدا ٿي ويو آهي هنن چيو ته هڪ طرف حڪمران عوام کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ سستي بازار لڳائڻ جي نالي تي بيوقوف بڻائي رهيا آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايس ايچ او سچل گوٺ راجا تنوير جي نااهليءَ جي ڪري بدامني عروج تي پهچي وئي هر روز ڦر چوري جون وارداتون ٿيڻ سبب عوام غير محفوظ بڻيل آهي ته ٻئي طرف پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو وڪرو سرعام جاري آهي جنهن سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهه ٿيندو پيو وڃي هنن لاڳاپيل اختيارن کان گهر ڪئي ته گئس جي لوڊشيڊنگ جو آزار ختم ڪري وڌندڙ بدامنيءَ جو نوٽيس ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 37

محمد حنيف نوناري ڊاڪٽر عرفان نوناري ،ايڊوڪيٽ راشد نوناري ،ڊاڪٽر رزاق نوناري جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مغوي نوجوانن جي بازيابيءَ لاءِ ٿيل احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي جي اڳواڻ محمد حسين محنتي ۽ مصطفي چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته حڪومت جي ذميواري آهي ته امن و امان قائم ڪري مگر حڪمرانن جي نااهليءَ جي ڪري انساني جانيون محفوظ ناهن افسوس سان سنڌ اندر حاملا عورتن کي به اغوا ڪيو پيو وڃي اهي به غير محفوظ آهن پوليس پاڻ ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪرڻ ۾ ملوث آهي چونڊيل نمائندن امن قائم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪو به مثبت ڪردار ادا نه ڪيو آهي سنڌ جي ڪشمور ڪنڌڪوٽ شڪارپور گهوٽڪي جيڪب آباد ضلعن اندر ڌاڙيلن جو راڄ قائم ٿيل آهي ڪو به ماڻهو محفوظ نه آهي حڪومت امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي ان کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان وٽ عورتن جي تمام وڏي عزت ۽ احترام هوندي آهي مگر افسوس سان حاملا عورت نازيه ڪوسو کي به اغوا ڪيو جيڪا انتهائي شرم جوڳو عمل آهي ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم هجي جتي عورتون به غير محفوظ بڻيل هجن هن وڌيڪ چيو ته مغوين کي جيڪڏهن جلد بازياب نه ڪرايو ويو ته سموري سنڌ اندر احتجاج جي تحريڪ هلائي ويندي هن چيو ته حڪومت سان گڏ ڌاڙيلن کان به مطالبو ڪريون ٿا ته اوهان جا به ٻچا هوندا مغوين کي جلد بازياب ڪرائي سندن جي وارثن جون کسيل مسڪراهٽون خوشيون واپس ڪيون وڃن ان موقعي تي ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 38

خاندانن ۾ 30 لک کان مٿي راشن ورهايو ويو آهي، ان کان علاوه مختلف خاندانن کي خود ڪفيل بڻايو ويو آهي ۽ مختلف نياڻين کي سلائي مشينون وٺي ڏنيون آهن. ميرواهه اتحاد ٽرسٽ جي اڳواڻن ريحان ادريس، رضوان راجپوت، مفتي عمير، شاهذيب رستماڻي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي تحريڪ 100 رپين تي شروع ٿي هئي جيڪا هن وقت تائين 30 لک کان مٿي جو راشن وغيره ورهائي چڪي آهي، انهن چيو ته اسان سيڻي دوست ملي ڪري مهيني وار جيب خرچ جمع ڪري هڪ کان ٻن خاندانن جي مدد ڪندا هئاسين جيڪا هن وقت تائين 400 خاندانن جي مدد ڪري چڪا آهيون. انهن چيو ته اسان جي مدد اسان کي مليل رقم مطابق هوندي آهي ڪڏهن گهٽ نه ڪڏهن وڌيڪ هوندي آهي. انهن چيو ته هن وقت رمضان شريف ۾ اسان کاڌي پيتي جي خشڪ شين سميت فروٽ، جامر شيرين، کجور ۽ ٻين جو بندوبست ڪيو آهي جيڪو رات جي تاريخي ۾ ورهايو ويندو .انهن چيو ته عيد تي به عيد اسپيشل راشن ورهايو ويندو جنهن ۾ اسان تمام حيثيت ماڻهن کي اپيل ٿا ڪيون ته اهي اسان جي هن ڪم ۾ مدد ڪن ته جيئن اسان هن ڪم کي وڌائي غريب مستحق خاندانن تائين راشن وغيره پهچائي سگهون.

بقايا سنڌيار 39

ڪاتي جي عملدارن جي آشيرواد سان ڪاٺ جو غيرقانوني وڪرو هلندڙ آهي ان سلسلي ۾ سڄاڻ ڌرين حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته ٻيلي ڪاتي جي زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ جي آرڊر کي ٻيلي ڪاتي جي ڪامورن ٽڏي ٻيلي ڪاتي جي زمين ملي ڀڳت ڪري هزارين روپيا في ايڪڙ عيوض ٻااثرن کي قبضي هيٺ ڏئي ڇڏي آهي جتان ٻيلي ڪاتي جا عمدار فصل لهڻ شرط ڪاتي جا عملدار ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا آهن ڪافي وقت کان تعلقي مان روزانو وڏي تعداد ۾ ڪاٺ جو غيرقانوني وڪرو ڪيو پيو وڃي پر ٻيلي ڪاتي جا عملدار ڪاروائي بدران خاموش بڻيل آهن هڪ طرف حڪومت وڻ پوکڻ لاءِ زور ڀري رهي آهي ته ٻئي پاسي سرڪاري ٻيلي ڪاتي جا عملدار جي ڳٺ جوڙ سان وڻن جي غيرقانوني واڍي ڪري غيرقانوني وڪرو ٿي رهيو آهي هنن سپريم ڪورٽ سميت ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٻيلي ڪاتي جي زمين تان قبضا ختم ڪرائي وڻن جي واڍي ۽ غيرقانوني وڪرو بند ڪرائي ملوث عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري ٻيلي کي بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 40

اڪبر ناريجو، منصور احمد سيال ڊاڪٽر زيشان ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان سماجي اڳواڻ ڪاظم علي ميمڻ، سرفراز علي اعوان جو شڪرگذار آهيون جن خصوصي تعاون ڪيو ۽ ٿيليسيميا،هيموفيليا، ڊائلاسز ۽ ايمرجنسيءَ لاءِ ڊونر فراهم ڪيا اڳواڻن چيو ته هيءَ بلڊ بئنڪ لوڪل ماڻهن جي تعاون سان هلي ٿي ۽ رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو اڳواڻن چيو ته صحتمند انسان هر ٽن مهينن کان پوءِ رت جو عطيو ڏئي سگهي ٿو اڳواڻن چيو ته اسان جي خوش نصيبي آهي جو سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ قائم ٿيل هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ 24 ڪلاڪ غريب مريضن کي رت جي سهولت فراهم ڪري رهي آهي اڳواڻن توڙي ڊونرن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي محنتن کي ساراهيو جنهن جي ڀرپور تعاون سان هيءَ بلڊ بئنڪ ڪم ڪري رهي آهي ڪئمپ جي آخر ۾ ڊونرز کي يادگار سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.